جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاه

جلد 16 | سومر 05 آڪٽوبر 2026ع بمطابق 22ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 354

ڪي پي حڪومت دهشتگردي جي خاتمي لاءِ رياست جو ساٿ نه ڏنو ته ايمرجنسي يا گورنر راڄ لڳي سگهي ٿو: بلاول جي خبرداري

پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پي ٽي آءِ قيادت کي دهشتگردي جي خلاف رياست جي مدد نه ڪرڻ تي خبردار ڪري ڇڏيو

جيڪڏهن پي ٽي آءِ دهشتگردي جي خلاف وفاق جو ساٿ نه ڏنو ته پوءِ شايد خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي يا گورنر راڄ طرف وڃڻو پوي

خيبرپختونخواهه ۾ هر ٻئي ڏينهن دهشتگردي جا واقعا ٿي رهيا آهن پر پي ٽي آءِ جو ڌيان سياست تي آهي

نٿا چاهيون ٿا ته خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي لڳائي دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻو پوي پي ٽي آءِ جو احتجاج وڏي حد تائين ڪامياب ٿي چڪو آهي

اسلام آباد 10 ڏينهن کان بند پيل آهي، هاڻ پي ٽي آءِ لانگ مارچ ختم ڪري معاملي جو سياسي حل ڪڍي، سياسي بحران کي قومي مفاد کان ڌار رکي

پي ٽي آءِ قيادت کي دهشتگردي جي خلاف رياست جي مدد نه ڪرڻ تي خبردار ڪري ڇڏيو. هڪ تقريب کي خطاب

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پي ٽي آءِ قيادت کي دهشتگردي جي خلاف رياست جي مدد نه ڪرڻ تي خبردار ڪري ڇڏيو هڪ تقريب کي خطاب ڪندي بلاول ڀٽو زرداري چيو ته جيڪڏهن پي ٽي آءِ دهشتگردي جي خلاف وفاق جو ساٿ نه ڏنو ته پوءِ شايد خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي يا گورنر راڄ طرف وڃڻو پوي. بلاول ڀٽو زرداري جو وڌيڪ چوڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

پي ٽي آءِ سان ڳالهيون ختم ڪرڻ جو اعلان، لانگ مارچ ڪندڙن کي نه ڇڏينداسين: گهرو وزير

اسان جو مسئلو سياسي نه پر دهشتگردي هو، اسان چاهيو ٿي ته خيبرپختونخواهه جي حڪومت دهشتگردي جي معاملي تي اسان سان گڏ بيٺل هجي

ٿوري دير اڳ ئي وزيراعظم ۽ صدر پاڪستان کي رات جي صورتحال کان آگاهه ڪيو. مان علامه ناصر عباس، اسد قيصر، بيرسٽر گوهر، عامر ڈوگر جو ٿورو ادا ڪندس

انهن نيڪ نيتي سان ڳالهيون ڪيون. بدقسمتي سان انهن جي پارٽي آخري مرحلي تي ڳالهين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

هڪ ٻئي پٺيان سمورا معاملا سامهون اچي ويا هئا، مان صدر پاڪستان کي فائنل ڊرافٽ ڏيکاري آيو آهيان خبر پئي ته خيبرپختونخواهه جي وزيراعليٰ تبديلي ڪئي

هڪ هڪ ڪري معاملن کي الجهايو ويو هو، واپس آيس ته خبر پئي ته ڊرافٽ ۾ ڪافي تبديلين جو چيو ويو آهي. چار پيرا ڊرافٽ جي تبديل ڪيو ويو، راجه ناصر عباس ۽ ٻين کي خراب ڪيو ويو

جيڪڏهن فيصلا سهيل آفريدي کي ڪرڻا هئا ته پاڻ ڳالهين ۾ شامل ٿئي ها، هڪ ڏينهن اڳ مون بيرسٽر گوهر کي چيو هو ته سهيل آفريدي پنهنجو ڪو نمائندو اماڻي

لاهور (م د) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيو آهي ته پي ٽي آءِ سان ڳالهيون ختم ٿي ويون، اڳ ئي چيو هو ته لانگ مارچ شروع ٿيندو ته ڳالهيون نه ٿينديون. لانگ مارچ ڪندڙن کي نه ڇڏينداسين، خيبرپختونخواهه ۾ به ويندا سين. لاهور ۾ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي گهرو وزير چيو ته اسان جو مسئلو سياسي نه پر دهشتگردي هو اسان چاهيو ٿي ته خيبرپختونخواهه جي حڪومت دهشتگردي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

حڪومت سان ڳالهين جي ٽئين سيشن لاءِ بئريسٽر گوهر کي متحرڪ ڪيو ويو

پشاور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي چيئرمين بئريسٽر گوهر علي خان وفاقي حڪوم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

تعليم سان گڏ تربيت به لازمي، استاد نئين نسل کي باڪردار ۽ ذميوار شهري بڻائين: گورنر سنڌ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي چيو آهي ته استاد معاشري جي تعمير/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

اسلام آباد: سردار اياز صادق جي اڳواڻي ۾ حڪومتي وفد ۽ اپوزيشن جو وفد ڳالهيون ڪندي

خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگردي ڪنهن جي دور ۾ آئي؟ خواجه آصف سهيل آفريدي کي مناظري جو چيلينج ڪري ڇڏيو

دهشتگردي خيبرپختونخواهه ۾ عمران خان جي دور ۾ آئي، اهو صوبي ۾ دهشتگردن کي ترسائڻ جو سڀني کان وڏو حامي هو: خواجه آصف

خيبرپختونخواهه جي قيادت شهري، شهيدن جي گهرن ۾ فاتحه خواني جي لاءِ وڃڻ کان به انڪاري آهي

وفاق کان اقتدار وڃڻ کان پوءِ صوبي جي هر وزيراعليٰ وفاق تي حملو ڪيو، 9 مئي جو واقعو انهي کان علاوه آهي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي دفاع واري وزير خواجه آصف وزيراعليٰ خيبرپختونخواهه سهيل آفريدي کي ٽي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف وفاقي وزير محسن نقوي سان مامي جي وفات تي تعزيت ڪندي

دهشتگردي خلاف جنگ ۾ قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي : وزيراعظم

ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو تمام گهڻو ضروري آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف ديره اسماعيل خان ۾ دهشتگردن خلاف سيڪيورٽي فورسز جي وقت تي اثرائتي ڪاررو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

سهيل آفريدي حڪومت سان ڳالهين جو 7 نڪتن تي ٻڌل ڊرافٽ سامهون آڻي ڇڏيو

ڳالهين واري ڪميٽي کي منهنجو اماڻيل ڊرافٽ هي آهي جنهن کي پنهنجي قوم جي اڳيان رکي رهيو آهيان: سهيل آفريدي

پوري قوم کي اها خبر هجڻ گهرجي ته انهن مان هڪ ڊماند به غير آئيني ۽ غيرقانوني نه آهي

پشاور (م د) خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير سهيل آ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

لاهور: وفاقي وزير اطلاعات عطا تارڙ لاهور چيمبر جي ڪامياب عهديدارن کي گلدستو ڏئي رهيو آهي

دهشتگردي خلاف قومي اتحاد ۽ گڏيل حڪمت عملي وقت جي اهم ضرورت آهي: شازيه مري

پيپلزپارٽي لاءِ دهشتگردي ريڊ لائن آهي، سياسي اختلافن کان مٿانهون ٿي قومي سلامتي لاءِ سمورين جماعتن کي متحد ٿيڻو پوندو، ترجمان پاڪستان پيپلزپارٽي

چاڪاڻ ته مضبوط ۽ پرامن پاڪستان ئي عوام جي ترقي ۽ خوشحالي جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو

ڪراچي (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي پارليا/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

2 لک ميٽرڪ ٽن اضافي کنڊ برآمد ڪرڻ جو طريقيڪار طئي

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي سربراهي ۾ اسٽيئرنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا

جنهن تحت کنڊ جي برآمد ايل سي ايٽ سائٽ يا ايڊوانس ادائيگي جي بنياد تي ڪئي ويندي

اسلام آباد (بيورو) وفاقي حڪومت 2 لک ميٽرڪ ٽن اضافي کنڊ برآمد ڪرڻ جو طريقيڪار طئي ڪري ورتو آهي. نائب وزيراعظم اس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

پاڪ ڀارت سرحد تي ڀارتي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويل 2 پاڪستاني شهري مٽي ماءُ حوالي

اسلام آباد (بيورو) پاڪ ڀارت سرحد تي ڀارتي فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويل ٻن پاڪستاني شهرين کي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

وزيراعظم جي نوازشريف سان ملاقات، حڪومت ۽ اپوزيشن وچ ۾ ٿيل ڳالهين تي آگاهي ڏني

وزيراعظم شهباز شريف گهرو وزير سان ٿيندڙ ملاقات ۽ پي ٽي آءِ لانگ مارچ جي حوالي سان به تفصيلي ڳالهيون ڪيون

نوازشريف سان ملاقات ختم ٿيڻ کان پوءِ وزيراعظم شهباز شريف جاتي امراءِ کان واپس روانو ٿي ويو

لاهور (م د) وزيراعظم پاڪستان ميان شهباز شريف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

نارووال: وفاقي وزير احسن اقبال نادرا آفيس جو افتتاح ڪندي

جهنگلي جيوت ۽ قدرتي ماحول جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي: وڏو وزير

جانورن تي ظلم ۽ تشدد جي حوصلا شڪني ڪرڻي پوندي، قدرتي مسڪن جو تحفظ ايندڙ نسلن جي محفوظ مستقبل جي ضمانت آهي، مراد علي شاهه

جانور قدرت جي حسين نظام ۽ ماحولياتي توازن جو اهم حصو آهن، سنڌ جي جهنگلي جيوت ۽ قدرتي ماحول جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي

سنڌ جي ڌرتي تيتر، آئي بيڪس، سنڌو ڊولفن، تلور، مور، هرڻ، مگرمڇ، آبي پکين ۽ ٻين جهنگلي جيوت جو مسڪن آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عالمي يوم حيوانن جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته جانور قدرت جي حسين نظام ۽ ماحولياتي توازن جو اهم حصو آهن، سنڌ جي جهنگلي جيوت ۽ قدرتي ماحول جو تحفظ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي، هن چيو ته سنڌ جي ڌرتي تيتر، آئي بيڪس، /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

سکر حيدرآباد موٽروي ايم 6 جي تعمير ايندڙ مهيني شروع ٿيندي، عبدالعليم خان جو اعلان

30 سالن کان تعطل جو شڪار موٽروي جي تعمير جو ڪم شروع ٿيڻ وڃي رهيو آهي

الله پاڪ جو ڪرم آهي ته ايم ـ 6 جهڙن تاريخي منصوبن کي عملي شڪل ڏيڻ جو موقعو ملي رهيو آهي

موٽروي ايم ـ 6 ملڪ جي معاشي ترقي ۽ علائقائي رابطن کي هٿي وٺائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو

اسلام آباد (بيورو) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان چيو آهي ته سکر حيدرآباد موٽر وي جي تعمير جي شروعات ايندڙ مهيني ڪئي ويندي. ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ وفاقي وزير چيو ته 30 سالن کان تعطل جو شڪار موٽر وي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان پاڪستان بيت المال جو ايم ڊي ملاقات ڪندي

ديره اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي، 8 دهشتگرد مارجي ويا

خيبرپختونخواهه ۾ سيڪيورٽي فورسز جي عزم استحڪام ويزن جي تحت فتنة الخوارج خلاف موثر ڪارروايون جاري

خيبرپختونخواهه جي علائقي ديره اسماعيل خان ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي ڳجهي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو

مارجي ويل 8 دهشتگردن ۾ فتنة الخوارج جا 3 اهم اڳواڻ به شامل آهن. سيڪيورٽي ذريعا

ديره اسماعيل خان (م د) خيبرپختونخواهه ۾ سيڪيورٽي فورسز جي عزم استحڪام ويزن جي تحت فتنة الخوارج خلاف موثر ڪارروايون جاري آهن جڏهن ته سيڪيورٽي فورسز جي ديره اسماعيل خان ۾ انٽيليجنس بيسڊ ڪارروائي دوران /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

سنڌ جي گورنر سان ايم ڊي پاڪستان بيت المال جي ملاقات، مستحق ماڻهن جي ڀلائي ۽ بهبود لاءِ قدمن تي غور ويچار

تعليم، علاج ۽ مالي مدد جي پروگرامن کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ تي زور، يتيم ٻارن ۽ مستحق عورتن جي مدد جي منصوبن بابت بريفنگ

پاڪستان بيت المال مستحق، يتيم، بيواهن ۽ معاشري جي ڪمزور طبقن جي مدد ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

هن مستحق ماڻهن کي طبي، تعليمي ۽ مالي مدد جي فراهمي کي ساراهه جوڳو قرار

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي سان پاڪستان بيت المال جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سينيٽر ڪيپٽن (ر) شاهين خالد بٽ گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران مستحق، نادار، يتيم ۽ ضرورت مند ماڻهن جي ڀلائي، مدد ۽ بحالي سان لاڳاپيل مختلف معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

حيدرآباد ايئرپورٽ کي متبادل هوائي مرڪز بڻائڻ جو منصوبو، رن وي 11 هزار 500 فوٽ تائين وڌائڻ جي تجويز

خراب موسم ۽ هنگامي حالتن ۾ ڪراچي سميت ٻين ايئرپورٽن جو متبادل بڻجي سگهندو، وڏن جهازن جي لينڊنگ به ممڪن ٿيندي

رن وي جي توسيع کان پوءِ بوئنگ 777 سميت وڏن مسافر بردار جهازن جي لينڊنگ ۽ ٽيڪ آف ممڪن ٿي سگهندو

اپ گريڊيشن منصوبي ۾ مسافرن لاءِ جديد سهولتن جي فراهمي، ٽرمينل جي بهتري ۽ هنگامي حالتن ۾ متبادل هوائي آپريشنز جي انتظامن کي پڻ شامل ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) خراب موسم يا هنگامي صورتحال دوران ڪراچي سميت ٻين وڏن ايئرپورٽن تي پروازن جي لينڊنگ ۾ پيش ايندڙ مشڪلاتن کي نظر ۾ رکندي حيدرآباد ايئرپورٽ کي متبادل ايئرپورٽ طور اپ گريڊ ڪرڻ جو منصوب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

اسلام آباد، ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون، 498 جوابدار گرفتار

ٻن هفتن دوران مختلف ڪارروائين ۾ 498 جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو

منشيات فروشن خلاف ڪارروائين دوران 73 جوابدار گرفتار ڪيا ويا

اسلام آباد(بيورو) اسلام آباد پوليس جو ڏوهاري عنصرن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي. ٻن هفتن دوران مختلف ڪارروائين ۾ 498 جوابدارن کي گر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

اسان تيل جي طوفان سان غير مشروط امداد سان نه ٿا وڙهي سگهون، ان جو مقدار هزارين ارب رپين جو آهي: علي پرويز

وسيلن کي گڏ ڪرڻ کان سواءِ خرچ ڪرڻ جا نتيجا 2022 ۾ ساڳيا نڪرندا، جڏهن پاڪستان ديوالي جي ڪناري تي هو ۽ مهانگائي جو سونامي آيو هو

جيئن ئي عالمي منڊي ۾ قيمتون گهٽ ٿينديون ته پاڪستان ۾ به فوري طور تي گهٽجي وينديون

ايندڙ هفتي سعودي عرب جو دورو ڪندو ته جيئن مشڪل حالتن ۾ تيل جي فراهمي ۽ يڪجهتي تي شڪرگذاري جو اظهار ڪري سگهجي

هي خطو هڪ وڏي آزمائش کي منهن ڏئي رهيو آهي، خيبرپختونخواهه ۾ ٻيهر دهشتگردي وڌي رهي آهي

اسلام آباد(بيورو) پيٽروليم واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ چيو آهي ته تيل جي طوفان کي غير مشروط امداد سان نه ٿو وڙهي سگهجي چاڪاڻ ته ان جو مقدار هزارين ارب رپين جي آهي. پنهنجي حلقي ۾ ڪارڪنن کي خطاب ڪندي علي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

حق جي ويڙهه ۾ پاڪستان جي عظيم الشان فتح جي نشاني "يادگار فتح" تي پروقار تقريب منعقد

پرجوش ۽ رنگا رنگ تقريب ۾ موسيقي جو پروگرام ۽ شاندار پروجيڪشن ميپنگ شو پيش ڪيو ويو جنهن ۾ حق جي ويڙهه ۾ فتح کي اجاگر ڪيو ويو

پاڪستان سان محبت جو اظهار ڪرڻ لاءِ يادگار فتح تي عوام جي تمام وڏي رش هئي

ٻارن جي هٿن ۾ جهنڊا، بزرگن جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ هر دل ۾ فخر نمايان محسوس ٿي رهيو هو

يادگار فتح عوام لاءِ کُلي ته ائين محسوس ٿيو جڻ پورو پاڪستان هڪ جاءِ تي گڏ ٿيو آهي

اسلام آباد (بيورو) حق جي ويڙهه ۾ پاڪستان جي عظيم الشان فتح جي نشاني "يادگار فتح" جي مهورت واري پر وقار عوامي تقريب منعقد ڪئي وئي، جيڪا قوم جي عزم ۽ شجاعت جي روشن تاريخ جو نشان آهي. حق جي ويڙهه جي ياد شهيد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: وزارت اطلاعات نشريات ۽ سي ڊي اي جي اڳواڻي ۾ يادگار فتح جي رونمائي تقريب جو ڏيک

نئين حڪومت کي ڪجهه وقت ڏيو، اهي پونڇ ۾ غير يقيني صورتحال جو پرامن حل ڳوليندا: آزاد ڪشمير جو صدر

مظفرآباد (م د) آزاد جمون ۽ ڪشمير جي صدر ڊاڪٽر محمد نجيب نقي خان چيو آهي ته /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

وفاقي وزير پاران ديره اسماعيل خان ۾ ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي ديره اسماعيل خان ۾ ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

صدر پاران ديره اسماعيل خان ۾ فتنة الخوارج خلاف ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) صدر آصف علي زرداري ديره اسماعيل خان ۾ فتنة الخوارج جي 8 دهشتگ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 48 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 70 هزار ڪيوسڪ

ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 10 هزار 800 ڪيوسڪ آهي

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. تفصيلن مطابق سنڌو درياهه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

ڪراچي ۾ گاڏيون چورائيندڙ جوابدار مقابلي ۾ مارجي ويو

جنهن دوران شهر ۾ 19 سالن کان گاڏيون چورائڻ ۾ ملوث جوابدار مارجي ويو

مارجي ويل جوابدار محمد بروهي خلاف ڪراچي جي مختلف ٿاڻن ۾ 47 ڪيس داخل هئا

ڪراچي(رپورٽر) شاهه فيصل ڪالوني نمبر 5 ۾ اينٽي وهيڪل لفٽنگ سيل ۽ ڪار لفٽرن وچ ۾ مبينا مقابلو ٿيو. جنهن دوران شهر ۾ 19 سالن کان/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ناردرن باءِ پاس تي بس جي ٽڪر ۾ شهري فوت

هلندڙ سال ڪراچي ۾ ٽريفڪ حادثن دوران فوت ٿيل ماڻهن جو انگ 690 تي ويو آهي

هيوي ٽريفڪ سبب پيش ايندڙ حادثن ۾ هن وقت تائين 210 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن

ڪراچي(رپورٽر) ناردرن باءِ پاس ايم ڊي ڪٽ پرسان بس جي ٽڪر ۾ روڊ تان گذرندڙ شهري فوت ٿي ويو ريسڪيو اختيارين موجب حادثي ۾ فوت /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

ڪراچي ۾ ٻيهر ڀتا خوري ۽ فائرنگ جا وڌندڙ واقعا، واپارين جو احتجاج حڪومت جي ناڪامي جو ثبوت آهي: ايم ڪيو ايم

ڪراچي (رپورٽر) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان جي مرڪزي ڪميٽي ڪراچي ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

سکر حيدرآباد موٽروي جي تعمير جي شروعات ايندڙ مهيني ڪئي ويندي: وفاقي وزير عبدالعليم خان

اسلام آباد (بيورو) مواصلات واري وفاقي وزير عبدالعليم خان چيو آهي ته سکر حيدرآباد/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

لاهور: وزيراعلي پنجاب مريم نواز شريف پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جي تحت روڊز پروجيڪٽس جو ڊيجيٽل افتتاح ڪندي

شاهراه فيصل تي گاڏي جي ٽڪر ۾ بائيڪ سوار فوت

حادثو ڊرگ روڊ انڊر پاس پرسان پيش آيو، جتي نامعلوم گاڏي موٽرسائيڪل سوار کي ٽڪر هنيو

اطلاع ملڻ تي امدادي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي فوت ٿيل شخص جو لاش اسپتال منتقل ڪيو

ڪراچي(رپورٽر) شاهراه فيصل تي ڊرگ روڊ انڊر پاس پرسان نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو. اکين ڏٺن شاهدن /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

پسند جو پرڻو ڪندڙ جوڙي کي تحفظ ڏيڻ جو حڪم

درخواست گذار عورت پاران رڪارڊ ڪرايل بيان جي روشني ۾ لاڳاپيل مئجسٽريٽ آڏو رپورٽ پيش ڪئي وڃي

ڪجهه خانگي ماڻهن کي ڌر بڻائيندي ثانيا بلوچ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي هئي

ڪراچي(رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته پنهنجي مرضي سان شادي ڪندڙ نئين شادي شده جوڙي جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

انسان وانگر بي زبان جانور به شفقت جا حقدار آهن، بيمارين کان بچائڻ ۽ خوراڪ جو خيال رکڻو پوندو: ڊاڪٽر حزب الله ڀٽو

ڪراچي (رپورٽر) انسانيت جي خدمت سان گڏوگڏ جانورن جي خدمت به هڪ عظيم پيشو/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلا، 5 جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار، 2 فرار

گلشن معمار، نيو ڪراچي ۽ سمن آباد ۾ ڪارروايون، هٿيار، گوليون ۽ موٽرسائيڪلون هٿ آيون آهن. پوليس اختيارين

گرفتار جوابدارن جي اڳوڻي ڏوهاري رڪارڊ جي جاچ سميت وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي

ڪراچي (رپورٽر) شهر قائد جي مختلف علائقن ۾ پوليس ۽ هٿياربند جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلن دوران 5 جوابدارن کي زخمي حالت ۾ گرفتار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

دولتپور: قومي شاهراهه تي ڪار ۽ آئل ٽينڪر ۾ ٽڪر، هڪ ئي خاندان جا 5 ڄڻا فوت

خوني حادثو دولتپور جي قومي شاهراهه تي پيش آيو جتي تيز رفتار ڪار کي ٻئي طرف کان ايندڙ آئل ٽينڪر ٽڪر هڻي

جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ئي خاندان جا 5 ڄڻا ٿڏي تي ئي فوت ٿي ويا جڏهن ته 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا

حادثي ۾ زخمي ٿيل 3 ڄڻن کي فوري طبي امداد جي لاءِ رورل هيلٿ سينٽر شاهپورجهانيان منتقل ڪيو ويو

دولتپور (م د) سنڌ جي ضلعي نوابشاهه جي علائقي دولتپور ۾ قومي شاهراهه تي تيز رفتار ڪار ۽ آئل ٽينڪر ۾ خوفناڪ ٽڪر جي نتيجي ۾ هڪ ئي خاندان جا 5 ڄڻا فوت جڏهن ته 3 زخمي ٿي پيا. اکين ڏٺن شاهدن موجب خوني حادثو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

لاهور: شاگردياڻيون انارڪلي چوڪ جي ويجهو لڳل اسٽال تي ڪتاب ڏسي رهيون آهن

انجلينا جولي غزه جي تباهي جون تصويرون شيئر ڪندي فوري امداد فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ڇڏيو

گوگل ارٿ تي غزه ۾ ٿيل تباهي ڏسي سگهجي ٿي جتي سمورا علائقا مٽيءَ جي ڍير ۾ تبديل ٿي چڪا آهن

گهرن، اسڪولن، اسپتالن، روڊن ۽ بنيادي سهولتن کي پڻ سخت نقصان پهتو آهي

گڏيل قومن موجب غزه جي 82 سيڪڙو عمارتن کي نقصان پهتو آهي ڪيترين ئي عمارتون مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪيون آهن

نيويارڪ (م د) هالي ووڊ اسٽار انجلينا جولي غزه ۾ تباهي جون سيٽلائيٽ تصويرون شيئر ڪندي هڪ دفعو ٻيهر اتان جي صورتحال تي آواز اٿاري ڇڏيو آهي. سوشل ميڊيا سائيٽ انسٽاگرام تي غزه مٿان اسرائيلي بربريت سبب ٿيل تباهي کان اڳ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي
سومر 05 آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 22 ربيع الثاني 1448هه

ڳالهين سان ئي رستو نڪري سگهي ٿو

ملڪ جي موجوده سياسي صورتحال ۾ حڪومت ۽ مخالف ڌر وچ ۾ جاري ڳالهيون هڪ اهڙي مرحلي تي پهچي ويون آهن، جتي ڪاميابي جون دعوائون به سامهون اچي رهيون آهن ته ٻي طرف ڊيڊ لاڪ برقرار هجڻ جا اشارا پڻ ملي رهيا آهن. مختلف ڌرين ۽ ذريعن جي متضاد بيانن سبب عوام لاءِ صورتحال اڃا تائين مڪمل طور واضح نه ٿي سگهي آهي. اهڙي ماحول ۾ سڀ کان اهم ضرورت اها آهي ته سياسي ڌريون بيان بازي بدران ڳالهين جي عمل کي سنجيدگي، اعتماد ۽ ذميواري سان اڳتي وڌائين.

قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز صادق جي ميزباني هيٺ ٿيندڙ ڳالهين ۾ حڪومت، مسلم ليگ (ن)، پيپلز پارٽي ۽ مخالف ڌر جا نمائندا شريڪ آهن. ڳالهين بابت پيپلز پارٽي جي اڳواڻ نويد قمر طرفان ڪيترن ئي معاملن تي اتفاق ٿيڻ ۽ تحريري معاهدي جي امڪان جو اظهار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته مخالف ڌر جي ڪجهه اڳواڻن جو موقف آهي ته پي ٽي آءِ جي باني سان صلاح مشوري ڪان سواءِ آخري فيصلو نٿو ٿي سگهي. ان مان ظاهر ٿئي ٿو ته ڳالهين جو عمل اڃا به حساس مرحلي ۾ آهي ۽ حتمي نتيجو سامهون اچڻ تائين ڪنهن به دعويٰ کي آخري فيصلو سمجهڻ مناسب نه هوندو.

سياسي اختلاف جمهوريت جو حصو آهن، پر اختلاف جڏهن ڳالهين بدران الزام، سخت بيانن ۽ هڪ ٻئي جي نيتن تي شڪ تائين پهچي وڃن ته مسئلا وڌيڪ پيچيده ٿي وڃن ٿا. ڳالهين دوران حڪومتي ڌر طرفان مخالف ڌر جي ڪجهه بيانن تي اعتراض ۽ مخالف ڌر طرفان حڪومتي اڳواڻن جي بيانن تي سوال اٿارڻ جو سلسلو به ان اعتماد جي کوٽ کي ظاهر ڪري ٿو، جيڪا ڪنهن به ڳالهين کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ ختم ٿيڻ ضروري آهي.

ملڪ هن وقت سياسي ڇڪتاڻ، معاشي دٻاءَ، عوامي بيچيني ۽ ادارن تي وڌندڙ اعتماد جي سوالن کي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي صورتحال ۾ احتجاج ۽ لانگ مارچ سياسي اظهار جو هڪ طريقو ٿي سگهن ٿا، پر ساڳئي وقت رياستي ۽ عوامي معاملن کي معمول تي رکڻ به ضروري آهي. روڊن جي بندش، ڪاروباري سرگرمين ۾ رڪاوٽ ۽ عام شهرين جي روزمره زندگي متاثر ٿيڻ سان سياسي اختلاف جو بار آخرڪار عوام تي پوي ٿو. ان ڪري سياسي مطالبن جي حل لاءِ اهڙو رستو اختيار ٿيڻ گهرجي، جنهن ۾ احتجاج جي حق ۽ عام ماڻهن جي حقن ٻنهي جو احترام برقرار رهي.

مخالف ڌر طرفان آئين ۽ انصاف جي بحالي، سياسي قيدين ۽ پي ٽي آءِ جي باني بابت خدشن جو اظهار ڪيو ويو آهي، جڏهن ته حڪومتي ڌر ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرڻ ۽ لانگ مارچ ختم ڪرڻ تي زور ڏئي رهي آهي. انهن مختلف موقفن جي وچ ۾ اتفاق پيدا ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته هر ڌر پنهنجا مطالبا واضح انداز ۾ ميز تي رکي ۽ ٻئي ڌر جي موقف کي ٻڌڻ لاءِ تيار هجي. جيڪڏهن ڳالهين جو مقصد صرف وقت حاصل ڪرڻ يا سياسي دٻاءَ وڌائڻ بڻجي وڃي ته اعتماد وڌيڪ متاثر ٿيندو، پر جيڪڏهن مقصد واقعي حل ڳولڻ هجي ته اختلافن جي باوجود اڳتي وڌڻ جا امڪان پيدا ٿي سگهن ٿا.

تحريري معاهدو جيڪڏهن واقعي تيار ٿئي ٿو ته ان جي اهميت ان ڳالهه ۾ هوندي ته ان ۾ ڪهڙا نقطا شامل ڪيا وڃن ٿا، انهن تي عملدرآمد جو طريقو ڇا هوندو ۽ ڌريون پنهنجي واعدن تي ڪيتري حد تائين قائم رهن ٿيون. ماضيءَ ۾ سياسي ڌرين وچ ۾ ڪيترائي معاهدا ۽ اتفاق راءِ جا مرحلا ڏٺا ويا آهن، پر اصل امتحان هميشه عملدرآمد جو رهيو آهي. تنهن ڪري هن ڀيري به رڳو اعلان بدران واضح ٽائم لائين، ذميوارين ۽ عملدرآمد جي طريقيڪار تي اتفاق ضروري آهي.

ساڳئي وقت سياسي قيادت کي سوشل ميڊيا ۽ ميڊيا بيانن جي اهڙي ٻولي کان پاسو ڪرڻ گهرجي جيڪا ڳالهين جي ماحول کي خراب ڪري. جيڪڏهن هڪ ئي وقت ڳالهين جي ميز تي مفاهمت ۽ ٻاهر سخت لفظن جي جنگ جاري رهي ته عوام ۾ به مونجهارو پيدا ٿيندو ۽ ڳالهين جي نتيجي تي سوال اٿندا. سياسي اختلافن کي شخصي دشمني ۾ تبديل ڪرڻ بدران پاليسين، آئين ۽ پارلياماني عمل جي دائري ۾ رکڻ ئي جمهوريت کي مضبوط ڪري سگهي ٿو.

ملڪ کي مسلسل سياسي بحران کان ٻاهر ڪڍڻ لاءِ پارليامينٽ کي مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. حڪومت ۽ مخالف ڌر ٻئي پارليامينٽ ۾ موجود آهن ۽ عوام جي ووٽ سان حاصل ٿيل پنهنجي نمائندگي کي سياسي حل لاءِ استعمال ڪري سگهن ٿيون. عدالتن، ادارن ۽ انتظاميا تي سياسي دٻاءَ وڌائڻ بدران پارلياماني فورمن تي مسئلا حل ڪرڻ سان ادارن جي وقار ۽ جمهوريت ٻنهي کي فائدو پهچي سگهي ٿو.

موجوده ڳالهين جو نتيجو جيڪو به نڪري، ان مان سڀ کان وڏو سبق اهو هجڻ گهرجي ته سياسي اختلافن جو مستقل حل طاقت، ڌمڪي يا روڊن تي ڇڪتاڻ مان نه پر ڳالهين، آئيني طريقيڪار ۽ باهمي اعتماد مان نڪري سگهي ٿو. حڪومت کي مخالف ڌر جي جائز خدشن کي ٻڌڻو پوندو ۽ مخالف ڌر کي به پنهنجي مطالبن جي حاصلات لاءِ جمهوري ۽ پرامن رستو اختيار ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن ٻنهي ڌرين پنهنجي پنهنجي سخت موقف مان ڪجهه گنجائش پيدا ڪري عوامي مفاد کي اوليت ڏني ته موجوده بحران کي سياسي حل ڏانهن وٺي وڃڻ ممڪن ٿي سگهي ٿو.

اڄ ملڪ کي وڌيڪ ٽڪراءَ نه، پر سياسي استحڪام جي ضرورت آهي. ڳالهين جي ميز ڇڏڻ آسان آهي، پر ڳالهين جي ميز تي ويهي اختلافن باوجود هڪ ٻئي کي ٻڌڻ ئي اصل سياسي امتحان آهي. ان ڪري حڪومت ۽ مخالف ڌر لاءِ بهتر رستو اهو آهي ته متضاد بيانن ۽ الزام تراشي بدران واضح، تحريري ۽ قابلِ عمل اتفاق راءِ ڏانهن وڌن، جيئن سياسي ڇڪتاڻ گهٽجي، عوام جي روزمره زندگي معمول تي اچي ۽ ملڪ جو نظام آئيني ۽ جمهوري طريقي سان اڳتي وڌي سگهي.

استادن جو عالمي ڏينهن ۽ سنڌ جو پٺتي پيل تعليمي نظام

فدا حسين ملڪ، گهوٽڪي

استاد ڪنهن به قوم جو معمار هجي ٿو جيڪو پنهنجي پيشي ڪان علاوه قومن جي تعمير نو ۾ هڪ بنيادي ٿنڀ جڳ هيثيت رکي ٿو هر سال 5 آڪٽوبر تي سڄي دنيا ۾ استادن جو عالمي ڏينهن ملهايو وڃي ٿو يونيسڪو 1994 ع ڪان هن ڏينهن کي ملهائڻ جي شروعات ڪئي، ته جيئن استادن جي رتبي بابت منظور ٿيل عالمي سفارشن کي ياد ڪيو وڃي. هن سال يونيسڪو 2026 ع جي استادن جي ڏينهن جو موضوع استادن سان گڏ: پيشي جي تحفظ، ان جي رتبي جي واڌاري ۽ اسان جي مستقبل جي جوڙجڪ جي سال طور رکيو ويو آهي.

اسان جي ثقافت ۾ استاد کي روحاني پيءُ سڏيو ويو آهي، جيڪو ڪچي مٽيءَ کي گهڙي انسان بڻائي ٿو پر سوال اهو آهي ته ڇا سنڌ ۾ استاد کي اهو مان مرتبو حقيقي معنائن ۾ حاصل به آهي؟ ۽ ڇا اسان جو تعليمي نظام اهڙو آهي، جو استاد ان ۾ سکون ۽ عزت سان پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگهي؟ هي ڏينهن بنيادي طور تي اسان کي ڳالهين جي هارن تقريرن ڪرڻ ۽ ڪيڪ ڪٽڻ بدران پنهنجي تعليمي نظام جي اونهي ڪٽ ڪرڻ جو موقعو ڏئي ٿو

ان حقيقت ڪان ڪير به باشعور فرد انڪار نه ڪندو ته سنڌ جو تعليمي نظام ڪيترن ئي ڏهاڪن ڪان زبون حاليءَ جو شڪار آهي. پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن جي 2023_24 ع واري رپورٽ مطابق سنڌ ۾ پنجن ڪان سورهن سالن تائين جا 73 لک 93 هزار ٻار، يعني هن عمر جا 44 سيڪڙو ٻار، اسڪولن ڪان ٻاهر آهن. انهن ۾ نياڻين جو انگ 39 لک 53 هزار آهي، يعني هر سؤ مان 49 نياڻيون اسڪول ڪان ٻاهر آهن، جڏهن ته ڇوڪرن ۾ اها شرح 39 سيڪڙو آهي. آدمشماري 2023 ع جي سنڌ واري رپورٽ ۾ اهو انگ 78 لک 18 هزار، يعني 46 سيڪڙو ڪان به مٿي ڄاڻايو ويو آهي، جن مان 66 لک ٻار ڪڏهن اسڪول ويا ئي ناهن. ڳوٺاڻي سنڌ ۾ 60 سيڪڙو ٻار ۽ ڳوٺاڻين نياڻين مان 68 سيڪڙو اسڪول ڪان ٻاهر آهن. يونيسيف مطابق سڄي پاڪستان ۾ اسڪول ڪان ٻاهر ٻارن جو انگ 2 ڪروڙ 51 لک آهي، جيڪو دنيا ۾ ٻئي نمبر تي آهي.

سنڌ ۾ هن مهل تائين به ڪيترائي سرڪاري اسڪول بند پيا آهن، ڪي رڳو ڪاغذن ۾ هلن ٿا ۽ ڪيترن ئي اسڪولن ۾ وري هڪ ئي استاد ڇهن درجن کي هڪ ئي ڪلاس ۾ پڙهائڻ تي مجبور آهي. ڪٿي عمارت ڀڳل آهي، ڪٿي چوديواري ناهي، ڪٿي پيئڻ جو پاڻي ۽ بيت الخلا ناهن ته ڪٿي وري اسڪول وريون بنيادي سهولتون ئي ميسر نه آهن. 2022 ع جي ٻوڏن ۾ ڊٺل 14 هزار 343 اسڪول ينٺر بهسون جي تعداد ۾ مرمت جا منتظر هئا.

سنڌ ۾ خواندگيءَ جي شرح ۾ واڌارو ضرور ٿيو آهي، پر ان جي رفتار تمام سست آهي. پاڪستان بيورو آف شماريات جي آدمشماريءَ جي انگن مطابق 1981 ع ۾ سنڌ جي خواندگي 31.45 سيڪڙو هئي، جيڪا 1998 ع ۾ 45.29 سيڪڙو، 2017 ع ۾ 54.57 سيڪڙو ۽ 2023 ع ۾ 57.54 سيڪڙو ٿي. يعني 1998 ع کان 2023 ع تائين پنجويهن سالن ۾ رڳو ٻارهن سيڪڙو واڌارو ٿيو ۽ 2017 ع کان 2023 ع تائين ڇهن سالن ۾ اهو واڌارو ٽن سيڪڙن ڪان به گهٽ رهيو.

سنڌ ۾ عورتن جي خواندگي 1981 ع ۾ 21.64 سيڪڙو هئي، جيڪا 2023 ع ۾ 50.21 سيڪڙو ٿي. ڳوٺاڻين عورتن جي خواندگي 1998 ع ۾ رڳو 12.23 سيڪڙو هئي، جيڪا وڌي 2023 ع ۾ 27.52 سيڪڙو ٿي، پر اڄ به هر چئن ڳوٺاڻين عورتن مان ٽي پڙهي لکي نٿيون سگهن. شهري سنڌ جي خواندگي 72.26 سيڪڙو آهي ته ڳوٺاڻي سنڌ جي رڳو 38.14 سيڪڙو يعني شهر ۽ ڳوٺ ۾ اڄ به عورتن جي خواندگي جو فرق ٻيڻ ڪان به وڌيڪ آهي. پاڪستان جي اقتصادي سروي 2025 _ 26 ع مطابق 2024 _ 25 ع ۾ سنڌ جي خواندگي 58 سيڪڙو هئي، جڏهن ته پنجاب جي 68 ۽ سڄي ملڪ جي 63 سيڪڙو هئي. ساڳي سروي ۾ سنڌ جي عورتن جي خواندگي 47 سيڪڙو ۽ ڳوٺاڻين عورتن جي رڳو 24 سيڪڙو ڄاڻائي وئي آهي.

گذريل ڪجهه سالن ۾ سنڌ جي اسڪول ايجوڪيشن ڪاتي 2021 ۾ سنڌ ۾ آئي بي اي ٽيسٽن وسيلي نئج ميرٽ تي نوي هزار ڪان مٿي استادن جون ڀرتيون ته ڪيون آهن جيڪو هڪ بهترين عمل آهن پر گڏوگڏ تعليم کاتي طرفان اصلاحات جي نالي تي ڪيترين ئي نيون پاليسيون ۽ ڊجيٽل سرشتا پڻ متعارف ڪرائي هر نئين پاليسيءَ سان گڏ شفافيت، ميرٽ ۽ سڌاري جا وڏا دعوا ڪيا ويا آهن. ڪاغذن تي زميني حقيقتن تي انهن جو نتيجو گهڻو ڪري استادن لاءِ نيون مشڪلاتون پيدا ڪرڻ جي صورت ۾ نڪتو آهي.

ڪلسٽر پاليسيءَ تحت ڪيترن ئي اسڪولن کي هڪ مرڪزي اسڪول سان ڳنڍيو ويو آهي ۽ ان جي هيڊ ماسٽر کي مالي ۽ انتظامي اختيار ڏنا ويا آهن. ڪاغذن تي اها اختيارن جي ورڇ نه آهي پر پر عملي طور نندين پرائمري اسڪولن جا هيڊ ماسٽر پنهنجي اختيارن کان محروم ٿي ويا ۽ مرڪزي اسڪول جي هيڊ ماسٽر تي ڏهن ڏهن اسڪولن جو بار وڌي ويو آهي يعني هڪ ئي هيڊ ماسٽر کي پنهنجي اسڪول ۾ پڙهائڻو به آهي، ٻين اسڪولن جي نگراني به ڪرڻي آهي ۽ فنڊن جو حساب ڪتاب به رکڻو آهي انڪانسواءِ اختيارن جي منتقلي جي پاليسيءَ کي اڃا تائين مونجهارن ۾ رکيو آهي.

15 جنوري 2026 ع تي پرائمري ۽ جونيئر استادن جي بدلين لاءِ آن لائين اي ٽرانسفر سرشتو شروع ڪيو ويو ۽ دعوي ڪئي وئي ته هاڻي سفارش ۽ رشوت جو خاتمو ٿيندو پر پهرئين مرحلي ۾ ئي ٻن هزارن ڪان وڌيڪ مقررين ۽ بدلين جا آرڊر جيڪي نڪتا انهن تي به سوال اٿڻ شروع ٿي ويا ۽ اي ٽرانسفر جو پيو مرحلو فني خرابين سبب رڪجي ويو. استادن ۾ اها شڪايت عام آهي ته پروفائل درست ڪرائڻ ۽ نوڊيوز، نوانڪوائري جهڙا لازمي سرٽيفڪيٽ وٺڻ لاءِ ضلعي آفيسن ۾ اڄ به ڪيسا گرم ڪرڻا پون ٿا. جيڪو استاد پئسا نٿو ڏئي، ان جي فائل مهينن تائين ميز تي پيئي رهي ٿي يعني رشوت ختم نه ٿي، رڳوان جو طريقو بدلجي ويو آهي.

استادن جي مقررين ۽ بدلين جا فيصلا به ضلعي ۽ ڊويزن سطح ڪان ختم ٿيل آهن ۽ بدليون مقريون هاڻي گهڻو ڪري ڪراچيءَ ۾ ويٺل عملدارن ۽ سرشتن وسيلي ڪيون وڃن پيون جنهن سبب زميني حقيقتن ۾ جتي جتي استادن جي ضرورت پوي ٿي اتي استاد ضلعي توڙي ڊويزن سطح جو آفيسر به مقرر نٿو ڪري سگهي. ڪراچي واسي بيوروڪريسي زميني حقيقتن ڪان واقف نه هجڻ سبب ڪيترائي مسئلا ٿين ٿا ڪيترن ئي استادن، خاص ڪري فيميل ٽيچرز کي گهرن ڪان ڪيترائي ڪلوميٽر پري مقرر ڪيو وڃي ٿو جتي نه سواري آهي نه تحفظ ۽ ماضي ۾ قر جا واقعا به ميڊيا جي زينت بڻجندا رهيا آهن ۽ ڪيترائي استاد پڻ قرجي واقعن کي منهن ڏيندا رهيا آهن ۽ انجي مرڪزي نظام سبب نتيجو اهو نڪري ٿو ته ڪنهن اسڪول ۾ ضرورت ڪان وڌيڪ استاد آهن ته ڪو اسڪول استاد نه هجڻ سبب بند پيو آهي.

سنڌ ۾ استادن جي حاضريءَ لاءِ ٻهريان بايوميٽرڪ مشينون لڳايون ويون. هاڻي 17 آگسٽ 2026 ع ڪان سنڌ جي ڇهن ضلعن ۾ چهري جي سڃاڻپ واري فريمز ايپليڪيشن آزمائشي طور لاڳو ڪئي وئي آهي. حاضريءَ جي نگراني پنهنجي جاءِ تي ضروري آهي ۽ ڪو به ايماندار استاد ان جو مخالف ناهي، پر شروعات ۾ ئي ڏهن هزارن کان وڌيڪ استاد رجسٽريشن ئي نه ڪري سگهيا. ڏورانهن ڳوٺن ۾ موبائل سگنل ناهن، جاءِ جي نشاندهي غلط اچي ٿي ۽ ٻين ڪاتن جي ڊيوٽين تي موڪليل استاد به غير حاضر ڄاڻايا وڃن ٿا، جن جون پگهارون ڪٽجڻ جو ڊپ رهي ٿو جيڪو استاد کي پنهنجي کيسي مان مهانگو موبائل ۽ انٽرنيٽ پيڪيج وٺڻو پوي ٿو ۽ پائلٽ پروجيڪٽ جي دوران ئي هزارين مسئلا روزانو جي بنياد تي استاد ڀوڳي پيو رڳو 25 سيپٽمبر تي ايپليڪيشن جي فنت خرابي سبب 4200 مان 2650 استاد غير حاضر ظاهر ڪيو ويو جيڪو خود هن سسٽم جي شفافيت ۽ انجي ٽيڪنيڪل مهارت تي ڪيئي سوال اٿاري ٿو.

سنڌ حڪومت پوئين سال هڪ بهترين قدم کنيو ته سنڌ جي پونيهه هزار ڪان مٿي اسڪولن کي سڌي بجيٽ ڏني وئي ۽ انهي اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ جو مقصد اهو هو ته هر اسڪول پنهنجي ضرورت مطابق رقم خرچ ڪري سگهي، پر عملي طور هڪ ته انهي فنڊ مالي سال جي پڇاڙيءَ ۾ جاري ڪيا ويا پيو وڏو مسئلو اهو سامهون آيو ته بلن جي منظوريءَ لاءِ سموري سنڌ جي ضلعي ٽريزري آفيسن ۾ ڪميشنون ورتيون ويون ۽ سامان ڏيندڙ وينڊرن به سرڪاري مقرر ڪيل ڪميشن ڪان وڌيڪ پئسا ورتا جنهن جو ذڪر سنڌ اسيمبلي جي اجلاس ۾ اپوزيشن اڳواڻ علي خورشيدي ڪليل لفظن ۾ سردار شاهه اڳيان ڪيو ته اوهان جي نيت تي شڪ ناهي پر جيڪي آفيسن ۾ بابو ۽ ڪميشن مافيا ويٺل آهن انهن کي روڪڻ لاءِ به عملي قدم کڻو ۽ اهڙين ئي سموري سنڌ ۾ اسڪول تائين پهچندڙ رقم گهٽجي وئي ۽ پروري حساب ڪتاب جو سمورو بار هيڊ ماسٽر جي ڪلهن تي وڌو ويو آهي هينئر استادن کي سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ نوٽيس موڪلي ڪائين پڇاڻا ڪيا پيا وڃن ۽ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته اينٽي ڪرپشن کاتو انهن ادارن ڏانهن ڏسڻ يا انهن جو عام پڇاڻو ڪرڻ بدران جتي بدعنواني باقاعدي هڪ عام رواجي نظام طور هلي ٿي ۽ انوالسته ۽ هيڊ ماسٽرن ڪان ئي پڇ ڳاڇا ڪري ٿو توڙي اسڪول بجيت جي ڪاغذن تي هيڊ ماسٽرن کي نوٽيس ڏنا وڃن ٿا، پر جن آفيسن ۾ هر بل تي ڪميشن مقرر آهي، انهن ڪان ڪو پڇڻ وارو ناهي. هي اهڙوئي آهي، جڻ چور کي پڪڙڻ بدران قرجي ويل ماڻهوءَ کان حساب ورتو وڃي. جيستائين بدعنوانيءَ جي پاڙن ۾ هٿ نه وڌو ويندو، تيستائين استادن کي هراسان ڪرڻ سان ڪجهه به حاصل نه ٿيندو

اسان جي سماج ۾ تعليمي تباهيءَ جو سمورو بار استاد جي ڪلهن تي رکيو وڃي ٿو آدمشماري، چونڊون، پوليو مهم ۽ مختلف سروي ۽ استادن کان ڪرايا وڃن ٿا، پوءِ ساڳئي استاد کي ڪلاس ۾ غير حاضر هجڻ تي سزا ڏني وڃي ٿي. ٻين ڪاتن جا عملدار جن جو تعليم سان سڌو واسطو ناهي، اسڪولن تي اوچتا ڇاپا هڻي ٻارن جي سامهون استادن ۽ هيڊ ماسترن جي جهڙي طرح پڇاڻا ڪن ٿا ۽ سندن ويڊيو ٺاهي سوشل ميڊيا تي رکن ٿا ۽ بنا ڪنهن تحقيق جي شوڪاز نوٽيس ۽ معطلي جا حڪم جاري ڪيا وڃن ٿا ان سان استاد جو استحقاق ضرور مجروح ٿئي ٿو هيڊ ماسٽر کي عمارت، داخلائن، فنڊن ۽ صفائيءَ جو ذميوار ته بڻايو وڃي ٿو پر نه ڪيس اختيار ڏنو وڃي ٿو ۽ نه وسيلا مٿان ترقين ۾ سالن جي دير، پگهارن جي رڪاوٽ، پينشن جي ڪيسن ۾ خواري ۽ تربيت جي ڪوٽ استادن کي مايوسيءَ ڏانهن ڌڪي رهيون آهن حيرت جي ڳالهه اها آهي ته سنڌ جو پرائمري تعليمي نظام جو بار ڪلهن تي ڪنيو بيلو آهي هينئر به پنهنجي بنيادي سروس اسٽرڪچر خاطر سالن ڪان حڪومت آڏو انهن ڪري پيو پر هن مهل تائين ڪيس انهي سروس اسٽرڪچر کان محروم رکيو ويو آهي جنهن سبب استاد تنظيمون پڻ هينئر احتجاجي تحريڪ هلائڻ جو اعلان ڪرڻ تي مجبور ٿي پيون آهن. استاد انهي عتاب کان علاوه هيو وڏو عذاب نام نهاد عطائي صحافين جي حراسانين جو ڀوڳي پيو، جيڪي ڪئميرا ۽ مائڪ کڻي اسڪولن ۾ گهڙي اچن ٿا، ٻارن جي سامهون استادن کان سوال جواب ڪري ڪين حراسان ڪن ٿا ۽ ڪيترين ئي حالتن ۾ ڌمڪيون ڏئي پئسن جي به گهرڪن ٿا ۽ وري سندن ٻاران اڏوريون ۽ ڪٽيل وڊيوز سوشل ميڊيا تي رکي استاد جي پيشي کي بدنام ڪيو وڃي ٿو جنهن ۾ نه صحافتي اصولن جو خيال رکيو وڃي ٿو ۽ نه ڪنهن جي عزت نفس جو. ڪنهن استاد کي موڪل تي هجڻ يا سرڪاري ڪم سان ٻاهر وڃڻ باوجود گهرويلي پگهار ڪٽيندڙ يا گوسڙو سڏي ڏيکاريو وڃي ٿو ۽ ان جو موقف ٻڌڻ جي تڪليف به نٿي ڪئي وڃي. سڄي ۽ بي باڪ صحافت سماج جو آئينو آهي ۽ تعليمي خامين کي سامهون آڻڻ ان جو پڻ بنيادي حق آهي، پر بليڪ ميلنگ ۽ ڪردار ڪشيءَ کي صحافت چوڻ هن معتبر پيشي سان به ناانصافي آهي ۽ اڄ جو استاد انهي حراساني کي به روزاني جي سطح تي منهن ڏئي پيو.

حڪومت طرفان تعليمي سڌارن بابت عملي طور پنهنجي پاليسين کي بهتر بڻائڻ بدران سماج ۾ اهو بيانيو ٺاهيو پيو وڃي ته تعليمي نظام کي رڳو استادن برباد ڪيو آهي ۽ پاليسيون ٺاهيندڙ، بجيٽ ورهائيندڙ، عمارتون ٺاهيندڙ ۽ مقررين ڪندڙ سڀ هن بحث مان غائب آهن ۽ هر ناڪاميءَ جو الزام استاد تي مڙهيو وڃي ٿو هن بيانيي استاد جي سماجي مان کي اهڙو ڌڪ هنيو آهي، جو اڄ ٻار به پنهنجي استاد کي اڳ واري عزت سان نٿا ڏسن ۽ قابل نوجوان هن پيشي ڏانهن اچڻ کان ڪيٻائين ٿا. جيڪڏهن استاد جو مان ئي نه رهيو ته ڪلاس روم ۾ سکيا جو ماحول ڪيئن قائم رهندو؟ انصاف جي ڳالهه اها آهي ته اسان استادن کي به پنهنجي ڪوتاهين جو اعتراف ڪرڻ گهرجي. ڪجهه استادن جي غير حاضري ۽ غفلت سڄي برادريءَ جي نيڪ نامي کي ڌڪ رسايو آهي، پر چند ماڻهن جي ڪوتاهيءَ جي سزا سڄي پيشي کي ڏيڻ ڪنهن به طرح انصاف ناهي. استاد جو مان تڏهن ئي بحال ٿيندو جڏهن اسين پاڻ ٻار جي سکيا کي پنهنجو پهريون فرض سمجهنداسين ۽ رياست به استاد کي شڪ بدران ڀروسي جي نظر سان ڏسندي. جن قومن تعليم ۾ نالو ڪمايو آهي، انهن سڀ کان پهريان استاد کي مضبوط ڪيو آهي. ورڪي فائونڊيشن جي 2018 ع واري عالمي استادن جي رينڪنگ انڊيڪس ۾ پنجيهن ملڪن جي پيت ۾ چين پهرين ۽ ملائيشيا ٻئي نمبر تي آيا، جتي عام ماڻهو استاد کي ڊاڪٽر جي برابر سمجهن ٿا. چين ۾ 80 سيڪڙو ماڻهن جو چوڻ هو ته شاگرد پنهنجي استادن جي عزت ڪن ٿا، جڏهن ته سيني ملڪن جي سراسري شرح رڳو 36 سيڪڙو هئي. ساڳي رپورٽ موجب جن ملڪن ۾ استاد جو رتبو مٿاهون آهي، اتي شاگردن جا عالمي امتحانن ۾ نتيجا به بهتر آهن جرمنيءَ ۾ استادن جي پگهار سوئٽزرلينڊ کانپوءِ سڀ کان وڌيڪ هئي. فنلينڊ جو تعليمي نظام دنيا ۾ مثالي سمجهيو وڃي ٿو جتي استاد ٿيڻ لاءِ ماسٽرز جي سند لازمي آهي. فنلينڊ جي قومي تعليمي اداري مطابق پرائمري استادن جي تربيتي پروگرام ۾ درخواست ڏيندڙن مان رڳو ڏهه يا ٻارهن سيڪڙو داخلا وٺي سگهن ٿا، اهو مقابلو طب ۽ قانون کان به سخت آهي. ڏکڻ ڪوريا پنهنجا استاد يونيورسٽين جي چوٽيءَ جي پنجن سيڪڙن شاگردن مان چونڊي ٿو فنلينڊ ۾ استاد تي ڀروسو ڪيو وڃي ٿو ڪيس نصاب ۽ پڙهائڻ جي طريقي ۾ آزادي ڏني وڃي ٿي ۽ ان ڪان ڪاغذي ڪارروائيءَ بدران سکيا جو حساب ورتو وڃي ٿو پرا هي ڳالهه به ڏيان طلب آهي ته معاشي تعاون ۽ ترقيءَ واري تنظيم جي 2024 ع واري عالمي سروي ۾ سراسري طور رڳو 22 سيڪڙو استادن محسوس ڪيو ته سماج سندن پيشي جو قدر ڪري ٿو جڏهن ته سنگاپور ۾ اها شرح 71 سيڪڙو هئي. استادن جي عزت افزائي لاءِ ورڪي فائونڊيشن ۽ يونيسڪو گڏجي هر سال هڪ لک ڊالرن جو عالمي استاد انعام ڏين ٿا، جيڪو 2026 ع ۾ ڀارت جي استاد روبل ناگي کي مليو جنهن جي سکيا مرڪزن ڏهه لک کان وڌيڪ ٻارن کي اسڪول تائين پهچايو اهڙن ملڪن جو تجربو ٻڌائي ٿو ته وڏيون عمارتون ۽ مهانگا منصوبا تڏهن ئي ڪارگر ٿين ٿا، جڏهن ڪلاس ۾ بيٺل استاد قابل، مطمئن ۽ باعزت هجي. اسان وٽ ان جي ابتڙ استاد کي شڪ جي نظر سان ڏسي هر روز نئين سرشتي ۽ نئين حڪم جي آزمائش ۾ وڌو وڃي ٿو

يونيسڪو جي 2024 ع واري استادن بابت عالمي رپورٽ مطابق دنيا کي 2030 ع تائين 4 ڪروڙ 40 لک نون استادن جي ضرورت آهي ۽ 2015 ع کان 2022 ع تائين پرائمري استادن جي پيشو ڇڏڻ جي شرح ٻيڻي ٿي، 4.62 سيڪڙي کان 9.06 سيڪڙو ٿي وئي آهي. ان صورتحال کي ڏسندي گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي قائم ڪيل اعلي سطحي پئنل فيبروري 2024 ع ۾ استادن جي پگهار، باعزت ڪم جي ماحول، معياري تربيت ۽ پاليسيءَ ۾ سندن آواز بابت سفارشون پيش ڪيون.

سنڌ ۾ به استادن جي تربيت لاءِ ڪجهه سنجيده قدم کنيا ويا. 1995 ع ۾ صوبائي استاد تربيتي اداري جو بنياد پيو 2009 ع ۾ استادن جي تعليم ۽ ترقيءَ جي پاليسي آئي ۽ 2012 ع ۾ سيڊا قائم ڪئي وئي. ساڳئي سال ڇئن سالن واري بي ايڊ آنرز ۽ ٻن سالن واري ايسوسيئيٽ ڊگري ان ايجوڪيشن شروع ڪئي وئي ۽ 2014 ع جي قاعدن ۾ انهن کي ڀرتيءَ لاءِ لازمي قرار ڏنو ويو هئي پاسي سکر آءِ بي اي جي ٽيسٽن ذريعي 2021 ع کان وٺي 93 هزار 118 استاد ميرٽ تي ڀرتي ٿيا، جن ۾ 65 هزار 147 پرائمري ۽ 27 هزار 701 جونيئر ايليمينٽري استاد آهن. هاڻي سيڊا ٽيچنگ لائسنس پاليسي 2023 ع تحت ڀرتيءَ لاءِ لائسنس جو امتحان پاس ڪرڻ لازمي ڪيو آهي. ان جي باوجود پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف ايجوڪيشن مطابق سنڌ ۾ هر تربيت يافته استاد جي حصي ۾ 45 شاگرد اچن ٿا، جيڪا شرح سڄي ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ آهي. ڀرتيءَ کانپوءِ باقاعدي، مسلسل ۽ معياري تربيت جو سرشتو اڃا تائين ڪمزور آهي.

1966 ع جي سفارشن ۾ استاد کي مناسب پگهار، نوڪريءَ جو تحفظ، پيشه ورانه آزادي، تنظيم سازيءَ جو حق ۽ پاليسين ۾ مشاورت جو حق ڏنو ويو 1997 ع ۾ يونيسڪو اعلي تعليم جي استادن لاءِ الڳ سفارشون منظور ڪيون. انهن تي عمل جي نگراني محنت جي عالمي اداري ۽ يونيسڪو جي گڏيل ماهرن جي ڪميٽي ڪري ٿي ۽ هن وقت انهن سفارشن ۾ نظرثاني جو ڪم هلي رهيو آهي، جنهن جي نئين صورت 2027 ع ۾ منظور ٿيڻي آهي. 178 ملڪن جي استاد تنظيمن جي عالمي اتحاد ايجوڪيشن انٽرنيشنل هن سال چيو آهي ته سٺ سال گذرڻ باوجود 1966 ع جو اهو خواب اڃا پورو نه ٿيو آهي.

سنڌ ۾ ته اهو خواب اڃا گهڻو پري آهي. 30 جون 2025 ع تي ڪراچي پريس ڪلب ٻاهر پگهارن ۽ پينشن ۾ واڌ لاءِ پرامن احتجاج ڪندڙ سرڪاري ملازمن، جن ۾ استاد به شامل هئا، تي آنسو گيس ۽ پاڻيءَ جون توپون هلايون ويون ۽ پوليس مطابق 87 ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو اخبارن جي رپورٽن مطابق ٽائيم اسڪيل جا ڪيس سالن کان التوا ۾ پيا آهن ۽ ڪيترائي استاد ان جو فائدو ورتي بنا رٽائر ٿي ويا يا هن دنيا مان هليا ويا. حق گهرڻ واري استاد کي پوليس وسيلي دٻايو وڃي ٿو.

سنڌ ۾ تعليمي نظام خاطر هيٺين قدمن کي بهتر ڪرڻ جي عملي ضرورت آهي

1. ڪلسٽر پاليسيءَ ۾ هيڊ ماسترن جا ڪردار ۽ اختيار چٽا ڪيا وڃن. ننڍن اسڪولن جي هيڊ ماسترن کي به مناسب اختيار ڏنا وڃن ۽ فنڊ وقت سر جاري ڪيا وڃن.
2. اي ٽرانسفر سرشتي جي آزاد جاچ ڪرائي وڃي، سرٽيفڪيٽن لاءِ رشوت وٺندڙ عملدارن کي سزا ڏني وڃي ۽ بدلين جا سمورا آرڊر عام ڪيا وڃن.
3. استادن جي مقررين ۽ بايوميٽرڪ جي نظام کي ضلعي سطح تي منتقل ڪيو وڃي جنهن ۾ ضلعي سطح جي زميني حقيقتن، اسڪولن جي ضرورت ۽ تحفظ کي اوليت ڏني وڃي.
4. فريمز ۽ بايوميٽرڪ سرشتي جي سگنل، رجسٽريشن ۽ سرڪاري ڊيوٽيءَ، موڪل جا مسئلا حل ٿيڻ تائين ڪنهن به استاد جي پگهار نه ڪٽي وڃي ۽ ٽيڪنيڪل مسئلن کي حل ڪرڻ خاطر ضلعي سطح تي ٽيڪنيڪل آفيسون قائم ڪيون وڃن.
5. اسڪول اسپيسفڪ بجيٽ جي مونجهارن کي ختم ڪري انهي کي وڌيڪ آسان بڻايو وڃي، مالي سال جي شروعات ۾ جاري ٿئي ۽ خزاني ۽ وينڊرن جي ڪميشن جو خاتمو ڪيو وڃي.
6. اينٽي ڪرپشن کاتو استادن بدران انهن آفيسن جي جاچ ڪري، جتي بدعنواني سرشتي طور هلي ٿي ۽ جتان ڪميشن ورتي وڃي ٿي انهن جو گهيراءُ ڪيو وڃي.
7. ٻين کاتن جي اسڪولن ۾ مداخلت کان روڪيو وڃي ۽ استادن خلاف ڪارروائي رڳو تعليمي کاتي جي شفاف جاچ کانپوءِ ڪئي وڃي جيئن استادن مان غير يقيني ۽ عدم تحفظ جو احساس ختم ٿئي.
8. نام نهاد عطائي صحافين جي اسڪولن ۾ بنا اجازت داخلا تي پابندي هجي ۽ استادن جي ڪردار ڪشي ڪندڙ وڊيوز تي حڪومت طرفان فوري قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. 9. استادن کان پڙهائيءَ کانسواءِ ٻيا ڪم وٺڻ گهٽ ۾ گهٽ ڪيا وڃن ته جيئن استاد بهتر نموني اسڪولن ۾ تعليمي سرگرميون جاري رکي سگهن. 10. وقت سر ترقي، پگهارن ۽ پينشن ۾ سست ترسيل جو خاتمو ڪيو وڃي ۽ انهي نظام کي آن لائين ڪيو وڃي. 11. اسڪولن کان ٻاهر ٻارن ۽ خاص ڪري ڳوٺاڻين نياڻين کي اسڪولن ۾ آڻڻ لاءِ ضلعي سطح تي واضح ٽارگيٽ رکيا وڃن ۽ ٻوڏ ۾ ڊٺل اسڪول بنا دير بحال ڪيا وڃن. 12. ڀرتيءَ لاءِ تدريسي سند ۽ لائسنس جي شرط تي سختيءَ سان عمل ڪيو وڃي ۽ ڀرتيءَ کانپوءِ مسلسل تربيت جو سرشتو جوڙيو وڃي.
13. 1966 ع جي عالمي سفارشن جي روشنيءَ ۾ استادن جي حقن جو صوبائي قانون ٺاهيو وڃي، ٽائيم اسڪيل جا التوا ۾ پيل ڪيس هڪ مقرر مدي ۾ نبيرا وڃن ۽ پرامن احتجاج جي حق جو احترام ڪيو وڃي.
14. استادن بابت پاليسيون ٺاهڻ وقت استادن جي نمائندن ۽ تنظيمن کي شامل ڪيو وڃي.

استادن جو عالمي ڏينهن اسان سڀني لاءِ هڪ سوال آهي: اسان پنهنجي قوم جي معمارن سان ڪهڙو سلوڪ ڪري رهيا آهيون؟ ڊجيٽل سرشتا ۽ نيون پاليسيون تڏهن ئي ڪارگر ٿينديون، جڏهن انهن جي ترجيحات ۾ ٻار ۽ استاد هوندا، نه ڪي ڊيش بورڊ ۽ انگ اکر استاد کي سزا ڏيڻ يا ڪيس ٽارگيٽ ڪرڻ سان نه، پر ڪيس عزت، اختيار، وسيلا ۽ ڀروسو ڏيڻ سان ئي تعليمي نظام سڌري سگهي ٿو اهو ئي هن 5 آڪٽوبر تي رڳو استادن کي واڌايون ڏيڻ بدران سندن مسئلا حل ڪرڻ ۽ سندن مان مرتبو بحال ڪرڻ جو پڪو پهه ڪريون، ڇو ته جنهن قوم پنهنجي استاد کي وساري ڇڏيو ان کي تاريخ به وساري ڇڏي ٿي.

استاد جي عظمت ۽ جديد دور ۾ سندس ڪردار

پروفيسر ڊاڪٽر مدد علي شاهه

قومون صرف عمارتن، رستن ۽ ڪارخانن سان ترقي نٿيون ڪن: قومن جي اصل ترقي انسانن جي تعمير سان ٿيندي آهي، ۽ انسان جي تعمير ۾ استاد جو ڪردار سڀ کان اهم آهي. استاد شاگرد جي ذهن کي علم سان، دل کي اخلاق سان ۽ ڪردار کي ذميواريءَ سان سنواري ٿو. هڪ استاد جيڪڏهن پنهنجي پيشي سان ايماندار هجي ته هو پنهنجي هڪ شاگرد ذريعي ڪيترن ئي خاندانن ۽ ايندڙ نسلن تي اثر وجهي سگهي ٿو

چوندا آهن ته انسان جي زندگيءَ ۾ ٽي مائرون هونديون آهن. هڪ اها ماءُ، جيڪا کيس پنهنجي ڪُک مان جنم ڏئي ٿي، پالينڌي ۽ سندس ننڍين ننڍين ضرورتن جو خيال رکندي آهي. ٻي ماءُ استاد آهي جيڪو کيس علم، شعور، اخلاق ۽ زندگيءَ جا گُر سيکاري ٿو. ٽين ماءُ اها ڌرتي آهي، جيڪا مرڻ کان پوءِ انسان جي فاني جسم کي پنهنجي آغوش ۾ جاءِ ڏئي ٿي. انهن ٽنهي مائرن مان استاد جو ڪردار ان لحاظ کان منفرد آهي، جو هو انسان کي صرف زندگي گذارڻ نهپر زندگيءَ کي سمجهڻ ۽ سنوارڻ جو هنر سيکاري ٿو.

هر سال 5 آڪٽوبر تي دنيا ۾ استادن جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويندو آهي. هي ڏينهن استاد جي عظمت، محنت ۽ خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪرڻ جو ڏينهن آهي. استاد اهو انسان آهي، جيڪو پنهنجي علم، وقت، محنت ۽ محبت سان ڪيترن ئي زندگين کي نئين رخ ڏئي ٿو. جن آڱرين سان اسين لکين رپين جا چيڪ سائن ڪريون ٿا، انهن آڱرين کي قلم جهلي لکڻ سيکاريندڙ استاد ئي هوندو آهي. اسين زندگيءَ ۾ ڪنهن به وڏي عهدي تي پهچون، ڊاڪٽر، انجنيئر، استاد، ليکڪ، سياستدان يا آفيسر بڻجون، اسان جي سوچ، علم ۽ صلاحيتن کي جِلا بخشڻ ۾ استاد جو ڪردار بنيادي هوندو آهي. استاد رڳو ڪتاب جو سبق پڙهائيندڙ شخص ناهي، پر هو شاگرد جي شخصيت جو معمار آهي. هو ڪلاس روم ۾ ويهي ٻار کي دنيا جي مختلف حصن جي سير ڪرائي ٿو، چڱي ۽ بري جي سڃاڻپ ڪرائي ٿو ۽ سندس ذهن ۾ سوال ڪرڻ، سوچڻ ۽ سمجهڻ جي صلاحيت پيدا ڪري ٿو. هڪ سٺو استاد شاگرد لاءِ رڳو استاد نه، پر رهنما، مددگار ۽ رول ماڊل بڻجي ويندو آهي.

اسلام ۾ به استاد ۽ علم جي عظمت کي وڏي اهميت حاصل آهي. حضرت محمد کي انسانيت جي هدايت، تعليم ۽ تربيت لاءِ استاد بڻائي موڪليو ويو. حضرت علي ڪرم الله وجهه سان منسوب قول آهي: "جنهن مون کي هڪ حرف به سيکاريو، مان ان جو غلام آهيان." هي قول استاد جي عظمت ۽ علم جي اهميت کي انتهائي خوبصورتيءَ سان بيان ڪري ٿو وقت سان گڏ تعليم جا طريقا به تبديل ٿيا آهن. هڪ دور هو، جڏهن استاد ئي علم جو مرڪزي سرچشمو سمجهيو ويندو هو، پر اڄ انٽرنيٽ، سوشل ميڊيا ۽ جديد ٽيڪنالاجي علم جا بي شمار وسيلا فراهم ڪيا آهن. تنهنڪري اڄ استاد جو ڪردار صرف معلومات پهچائڻ تائين محدود ناهي رهيو. جديد استاد کي هاڻي سهولتڪار، رهنما ۽ سکيا جي عمل ۾ ساٿي بڻجڻو پوندو. اڄ جو ڪلاس روم خوف جي جاءِ نه، پر سکڻ، سوال ڪرڻ، تجربو ڪرڻ ۽ پنهنجي ڳالهه رکڻ جي جاءِ هجڻ گهرجي. هر ٻار جي سکڻ جي رفتار، صلاحيت ۽ انداز مختلف هوندو آهي. ان ڪري استاد کي پنهنجي روايتي طريقن سان گڏ جديد تدريسي طريقا به اختيار ڪرڻ گهرجن. کيس وقت بوقت پاڻ کان اهو سوال ڪرڻ گهرجي ته: ڇا مان جديد تعليمي ضرورتن مطابق پاڻ کي تيار ڪري رهيو آهيان؟ ڇا منهنجو اندازِ تدريس ٻار ۾ سوچڻ، تخليق ڪرڻ ۽ مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت پيدا ڪري رهيو آهي؟

هڪ بهترين استاد اهو آهي، جيڪو پاڻ به سکڻ بند نه ڪري. نئين علم، جديد تدريسي طريقن، تعليمي ادب ۽ ٽيڪنالاجيءَ کان واقفيت حاصل ڪرڻ سان استاد پنهنجي ڪلاس روم کي وڌيڪ اثرائتو بڻائي سگهي ٿو. استاد جو پنهنجو علم جي دنيا سان مسلسل ڳانڍاپو ئي شاگردن کي اڳتي وڌڻ لاءِ اتساهه ڏئي ٿو.

ٻار جي تربيت صرف اسڪول ڪاليج يا يونيورسٽيءَ جي ذميواري ناهي. والدين، استاد ۽ سماج گڏجي ٻار جي شخصيت جوڙي سگهن ٿا. اڄ موبائل فون ۽ سوشل ميڊيا جي وڌندڙ استعمال سبب ڪيترائي ٻار ڪتابن، لائبريرين، راندين ۽ صحتمند تفريحي سرگرمين کان پري ٿيندا پيا وڃن. ان صورتحال ۾ والدين ۽ استادن کي گڏجي ٻارن لاءِ اهڙو ماحول پيدا ڪرڻ گهرجي، جتي ڪتاب پڙهڻ، راند ڪرڻ، تخليقي سرگرمين ۾ حصو وٺڻ ۽ مثبت گفتگو ڪرڻ کي اهميت حاصل هجي. ٻارن کي صرف امتحان پاس ڪرڻ لاءِ نه، پر هڪ سٺو انسان بڻجڻ لاءِ تعليم ڏيڻ ضروري آهي. علم سان گڏ اخلاق، برداشت، احترام، ذميواري ۽ انسانيت جون قدرون پيدا ڪرڻ ئي حقيقي تعليم آهي.

اڄ جي دور ۾ اسان کي اهڙن استادن جي ضرورت آهي، جيڪي رڳو سبق نه پڙهائين، پر شاگردن ۾ خواب ڏسڻ، سوال ڪرڻ، سوچڻ ۽ پنهنجي صلاحيتن تي ڀروسو ڪرڻ جو حوصلو پيدا ڪن. اهڙو استاد ئي مستقبل جا باشعور شهري ۽ اڳواڻ پيدا ڪري سگهي ٿو.

استاد جي عظمت کي صرف لفظن سان بيان نٿو ڪري سگهجي. استاد جي اصل عزت ان وقت ٿيندي، جڏهن اسان سندس پيشي کي اهميت ڏينداسين، سندس علمي ۽ اخلاقي مقام کي مڃينداسين ۽ تعليم کي قوم جي ترقيءَ جو بنيادي ذريعو سمجهنداسين.

هن عالمي ڏهاڙي تي مان پنهنجي سيني استادن کي دل جي گهراين سان سلام پيش ڪريان ٿو. اسان پيغمبري پيشي جا امين آهيون: جيڪڏهن پنهنجي فرض کي ايمانداري، محبت، محنت ۽ جديد سوچ سان نڀائينداسين ته يقيناً اسان هڪ اهڙي نسل تيار ڪري سگهنداسين، جيڪا علم سان گڏ اخلاق، شعور ۽ انسانيت جي به امين هوندي. استاد کي سلام، جيڪو پاڻ روشني بڻجي ٻين جي زندگين کي روشن ڪري ٿو.

بقايا 01

***

جي معاملي تي اسان سان گڏ بيٺل هجي. هن چيو ته ٽوري ڏيرا ڪ ئي وزيراعظم ۽ صدر پاڪستان کي رات جي صورتحال کان آگاهه ڪيو مان علامه ناصر عباس، اسد قيصر، بيرسٽر گوهر، عامر ڊوگر جو ٿورو ادا ڪندس. انهن نيڪ نيتي سان ڳالهيون ڪيون. بدقسمتي سان انهن جي پارٽي آخري مرحلي تي ڳالهين کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جو چوڻ هو ته هڪ ٻئي پٺيان سمورا معاملا سامهون اچي ويا هئا. مان صدر پاڪستان کي فائنل ڊرافٽ ڏيکاري آيو آهيان خبر پئي ته خيبرپختونخواهه جي وزيراعليٰ تبديلي ڪئي. هڪ هڪ ڪري معاملن کي الجهايو ويو هو، واپس آيس ته خبر پئي ته ڊرافٽ ۾ ڪافي تبديلين جو چيو ويو آهي. چار پيرا ڊرافٽ کي تبديل ڪيو ويو، راجه ناصر عباس ۽ ٻين کي خراب ڪيو ويو محسن نقوي چيو ته جيڪڏهن فيصلا سهيل آفريدي کي ڪرڻا هئا ته پاڻ ڳالهين ۾ شامل ٿئي ها. هڪ ڏينهن اڳ مون بيرسٽر گوهر کي چيو هو ته سهيل آفريدي پنهنجو ڪو نمائندو اماڻي، مون چيو ته ڪي پي ڪي ۾ دهشتگردي جي حوالي سان پريشانيون پيش اچي رهيون آهن ته انهي حوالي سان انهن سان ڳالهيون ڪري اچو، اهي ماڻهو ويا، ڪي پي ڪي جي وڏي وزير سان ڳالهيون ڪري واپس آيا. اسان جي طرفان لانگ مارچ ملتوي ڪرڻ جو ناهي چيو ويو گهرو وزير چيو ته پيپلز پارٽي انهن کي چيو ته لانگ مارچ ملتوي ڪري ڇڏين، حڪومتي ميمبرن نيڪ نيتي سان ڪوشش ڪئي ته مسئلو حل ٿئي. حڪومتي ٽيم کي به ڪريڊٽ وڃي ٿو. جيڪڏهن اسان کي اندازو هجي ها ته اپوزيشن ڪميٽي ۾ ڪو به اهڙو ماڻهو موجود نه آهي جنهن وٽ ڪي پي ڪي گورنمنٽ جو ماڻهو موجود نه آهي ته ڳالهيون نه ڪريون ها. اسان چئي رهيا هئاسين ته ڪي پي ڪي ۾ دهشتگردي جي خلاف گڏ ويهڻو پوندو هن چيو ته اهو نٿو ٿي سگهي ته حڪومت جا وزير فوج جي خلاف بيان ڏئي رهيا آهن. شهيدن جي جنازن ۾ نٿا اچن. جيڪڏهن هي چوندا ته آپريشن فوج جو ٿيندو انهي ۾ گن ڪهڙي استعمال ٿيڻي آهي گولي ڪهڙي استعمال ٿيڻي آهي. وزيراعليٰ کي پي ڪي 9:15 منٽن تي ايڪٽوٽي ويندو آهي هڪ پيرو تبديلي چوندو آهي ٻيون پيرو تبديلي چوندو آهي. اهو هي چو نٿو چوي ته انهي جو مقصد ڪهڙو هو هن جو چوڻ هو ته اتي انهن سان گڏ جيڪي ماڻهو ويٺل هئا انهن چيو ته اسان انهي تي نه ڳالهائينداسين. هوڏانهن گهرو وزير محسن نقوي وزيراعظم سان لاهور ۾ ملاقات ڪئي. ذريعن موجب وزيراعظم نوازشريف سان ملاقات کان پوءِ محسن نقوي جي گهر پهتو ذريعن موجب وزيراعظم شهباز شريف ۽ گهرو وزير محسن نقوي جي گڏيل 24 ڪلاڪن جي دوران اها ٻئي ملاقات آهي.

بقايا 02

***

وي تي مناظري جو چيلينج ڏيندي چيو آهي ته دهشتگردي خيبرپختونخواهه ۾ عمران خان جي دور ۾ آئي، اهو صوبي ۾ دهشتگردن کي ترسائڻ جو سيني کان وڏو حامي هو. اسيمبلي جون تقريرون ۽ ميڊيا جو رڪارڊ انهي جا گواهه آهن. سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي خواجه آصف چيو ته خيبرپختونخواهه جي قيادت شهري، شهيدن جي گهرن ۾ فاتحه خواني جي لاءِ وڃڻ کان به انڪاري آهي، وفاق کان اقتدار وڃڻ کان پوءِ صوبي جي هر وزيراعليٰ وفاق تي حملو ڪيو. 9 مئي جو واقعو انهي کان علاوه آهي. هن الزام لڳايو ته خيبرپختونخواهه جي قيادت سرڪاري مال قرڻ سان گڏ دهشتگردن کي پٺي جي صورت ۾ حصو ڏيندي آهي. اوهان دهشتگردن جا پارٽنر هيو. خيبرپختونخواهه ۾ وهندڙ رت ۾ اوهان جا هٿ به رڱيل آهن. قوم ۽ خدا اوهان کان حساب ضرور وٺندو. خواجه آصف چيو ته اسلام آباد ملڪ جي وحدت ۽ وفاق جي علامت آهي. 25 ڪروڙ پاڪستانين جي سڃاڻپ آهي. اسان جا شهيد پنهنجي مقدس رت سان اوهان جي آبياري ڪندا آهن. پاڪستاني عوام ۽ بهادر فوج اندروني ۽ ٻاهرين دشمنن سان ٽڪرائجڻ جو حوصلو رکن ٿا. انشاءالله پاڪستان هميشه زنده باد رهندو.

بقايا 03

***

تي ٻڌل ڊرافٽ سامهون آڻي ڇڏيو آهي. سوشل ميڊيا تي ڊرافٽ شيئر ڪندي سهيل آفريدي لکيو ته ڳالهين واري ڪميٽي کي منهنجو اماڻيل ڊرافٽ هي آهي جنهن کي پنهنجي قوم جي اڳيان رکي رهيو آهيان. پوري قوم کي اها خبر هجڻ گهرجي ته انهن مان هڪ ڊماند به غير آئيني ۽ غيرقانوني نه آهي. اسان کي ٻئي درجي جو شهري سمجهيو پيو وڃي. اسان سان رياست تي قابض ماڻهو سوتيلي ماءُ جهڙو سلوڪ ڪري رهيا آهن اهي اسان جون ڊماندون هيون ۽ رهنديون. ملڪ ۾ سياسي استحڪام، آئين ۽ قانون جي بالادستي جمهوري عمل جي تسلسل، قومي يڪجهتي، امن امان قائم ڪرڻ ۽ سمورن سياسي ۽ قومي معاملن کي گڏيل مشاورت ۽ ڳالهين جي ذريعي حل ڪرڻ جي لاءِ لکيل معاملن تي اتفاق راءِ ڪيو ويندو هوڏانهن خيبرپختونخواهه جي وڏي وزير طرفان شيئر ڪيل ڊرافٽ تي وفاقي گهرو وزير محسن نقوي پنهنجي رد عمل ۾ چيو ته اهو هنن جو امڪاني ڊرافٽ ٿي سگهي ٿو جيڪو رات دير سان انهي طريقي سان گردش ۾ آيو ته انهي سان ٻنهي ڌرين جي وچ ۾ اڳ کان طئي ٿيل ڊرافٽس کي توڙي مروڙي سگهجي. گهرو وزير چيو ته ڳالهين واري ٽيمن هڪ ڊرافٽ کي حتمي شڪل ڏني هئي جنهن تي ٻنهي ڌرين اتفاق ڪيو. انهي کان علاوه ڪي پي ٽيررازم ريليٽڊ امپليمينٽيشن پلان به شامل آهي.

بقايا 04

***

نن جا مڙهه ڪراچي روانا ڪري ڇڏيا. آچر تي پرڏيهي کاتي مان جاري ٿيل بيان موجب جبوتي ۽ ايٿوپيا ۾ پاڪستان جي سفيرن زخمي عثمان، عقيل خان، امين بن شمس ۽ ياسر خان جڏهن ته واقعي ۾ فوت ٿي ويل رفيع الله، سيد ڪاشف عمر ۽ محمود احمد انصاري جا مڙهه اديس ابابا مان روانا ڪيا. زخمي ڪارڪنن ۽ فوت ٿي ويلن جا مڙهه
ايٿوپين ايئر لائنز جي اڏام اي ٽي 694 ذريعي ڪراچي پهتا.

بقايا 05

***

جي تعمير جو ڪم شروع ٿيڻ وڃي رهيو آهي. الله پاڪ جو ڪرم آهي ته ايم _6 جهڙن تاريخي منصوبن کي عملي شڪل ڏيڻ جو موقعو ملي رهيو آهي. هن چيو ته ايم _6 موٽر وي سنڌ سميت پاڪستان جي واپاري سرگرمين کي نئين رفتار ڏيندو موٽروي ايم _6 ملڪ جي معاشي ترقي ۽ علائقائي رابطن کي هٿي وٺائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو هن چيو ته سکر حيدرآباد موٽر وي جي پيڙهه جي پٿر رکڻ واري تقريب منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ صدر آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري کي خاص طور تي شرڪت جي دعوت ڏني ويندي جڏهن ته وزيراعلي سنڌ ۽ صوبائي ڪابينه جي معزز ميمبرن کي پڻ شرڪت جي دعوت ڏني ويندي.

بقايا 06

***

هاشمي چيو ته پاڪستان بيت المال مستحق، يتيم، بيواهن ۽ معاشري جي ڪمزور طبقن جي مدد ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. هن مستحق ماڻهن کي طبي، تعليمي ۽ مالي مدد جي فراهمي کي ساراهه جوڳو قرار ڏيندي چيو ته اهڙا فلاحي پروگرام معاشري ۾ اميد ۽ خود اعتمادي کي هٿي ڏين ٿا. سنڌ جي گورنر چيو ته مستحق ماڻهن جي بحالي ۽ انهن کي عزت سان زندگي گذارڻ جي قابل بڻائڻ اسان سڀني جي گڏيل ذميواري آهي. هن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته تعليم، علاج ۽ مالي مدد جي مختلف پروگرامن ذريعي وڌ کان وڌ ضرورت مند ماڻهن تائين سهولتون پهچايون وڃن ته جيئن اهي بهتر زندگي گذاري سگهن. ملاقات دوران پاڪستان بيت المال جي مئنيجنگ ڊائريڪٽر سينيٽر ڪيپٽن (ر) شاهين خالد بٽ اداري جي جاري فلاحي سرگرمين ۽ مختلف پروگرامن بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته انفرادي مالي مدد پروگرام تحت مستحق ماڻهن کي مالي امداد فراهم ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته سويٽ هومز پروگرام ذريعي يتيم ٻارن جي سار سنڀال، تعليم ۽ تربيت ۽ بهتر مستقبل لاءِ اثرائتا قدم کنيا پيا وڃن. جڏهن ته عورتن جي باختياري مرڪزن ذريعي مستحق عورتن کي مختلف هنر سيکاري روزگار جا موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن ته جيئن اهي معاشي طور تي خودمختيار بڻجي سگهن. ملاقات ۾ گڏيل دلچسپي جي ٻين معاملن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ۽ فلاحي خدمتن جي دائري کي وڌيڪ وسيع ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا 07

***

پرويز ملڪ چيو ته وسيلن کي گڏ ڪرڻ کان سواءِ خرچ ڪرڻ جا نتيجا 2022 ۾ ساڳيا نڪرندا، جڏهن پاڪستان ديوالي جي ڪناري تي هو ۽ مهانگائي جي سونامي آيو هو. هن چيو ته جيئن ئي عالمي منڊي ۾ قيمتون گهٽ ٿينديون ته پاڪستان ۾ به فوري طور تي گهٽجي وينديون. وفاقي وزير چيو ته هو ايندڙ هفتي سعودي عرب جو دورو ڪندو ته جيئن مشڪل حالتن ۾ تيل جي فراهمي ۽ يڪجهتي تي شڪرگذاري جو اظهار ڪري سگهجي. هن وڌيڪ چيو ته هي خطو هڪ وڏي آزمائش کي منهن ڏئي رهيو آهي. خيبرپختونخواهه ۾ بيهر دهشتگردي وڌي رهي آهي. سياسي اڳواڻن کي دهشتگردي جي خاتمي لاءِ فوجي قيادت جو ساٿ ڏيڻ گهرجي. هن چيو ته ڪي پي جي وڏي وزير کي درخواست آهي ته هو پنهنجي ذميواري جو احساس ڪري، پاڪستان کي هر قسم جي برائي کان محفوظ رکڻ لاءِ قومي اتحاد ضروري آهي. علي پرويز ملڪ چيو ته وزيراعظم کي ڊسمبر، جنوري ۽ فيبروري ۾ پيش ايندڙ چئلينجن بابت هڪ اجلاس ۾ آگاهه ڪيو ويو آهي. جيڪو فيصلو عوام ۽ ملڪ جي حق ۾ هوندو اهو ئي ٿيندو سياري کان اڳ جيڪي قدم کڻڻ گهرجن اهي به وزيراعظم جي سامهون رکيا ويا آهن.

بقايا 08

***

گذريل 15 ڏينهن دوران پتي خوري ۽ فائرنگ جي واقعن ۾ گهٽتي جوڳي واڌ تي گهري تشويش جو اظهار ڪندي چيو آهي ته شهرجي واپارين کي تحفظ فراهم ڪرڻ ۾ سنڌ حڪومت ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ناڪام نظر اچن ٿا. مرڪزي ڪميٽي پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو ويو ته آل ڪراچي ماربل ايسوسيئيشن جي اهتمام هيٺ پاڪ ڪالوني ماربل مارڪيٽ ۾ ڪاروبار بند ڪري ۽ واپارين جو احتجاج ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته پتي خور مافيا ۽ ڌوهاري عنصرن واپاري برادري کي سخت خوف ۽ هراس ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. بيان ۾ چيو ويو ته واپارين جو احتجاج سندن جان ۽ مال جي تحفظ بابت سنگين خدشن جي عڪاسي ڪري ٿو ۽ جيستائين واپاري طبقي کي اثرائتي سيڪيورٽي ۽ تحفظ جي خاطري نه ڪرائي وڃي، تيستائين انهن جي خدشن کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. ايم ڪيو ايم پاڪستان جي مرڪزي ڪميٽي چيو ته سڄي شهر خاص طور تي واپاري مرڪزن ۾ سرگرم پتي خور عنصرن خلاف بنا فرق ۽ اثرائتي ڪارروائي ناگزير ٿي چڪي آهي. صرف 15 ڏينهن دوران پتي خوري ۽ فائرنگ جا ڪيترائي واقعا انتظامي ڪارڪردگي تي سنجيده سوال اٿارين ٿا. مرڪزي ڪميٽي سنڌ جي وڏي وزير، پوليس اختيارين ۽ لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو ته پاڪ ڪالوني ماربل مارڪيٽ سميت ڪراچي جي سمورن واپاري مرڪزن ۾ واپارين کي فول پروف سيڪيورٽي فراهم ڪئي وڃي، پتي خور مافيا خلاف فوري ۽ فيصلائتي قدم کنيا وڃن ۽ واپارين کي خوف ۽ عدم تحفظ واري ماحول مان ڇوٽڪارو ڏيارڻو وڃي. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته ايم ڪيو ايم پاڪستان واپاري برادري جي جائز مطالبن ۽ تحفظ جي حق جي حمايت جاري رکندي ۽ ان سلسلي ۾ هر جمهوري ۽ آئيني فورم تي آواز بلند ڪندي.

بقايا 09

***

موٽروي جي تعمير جي شروعات ايندڙ مهيني ڪئي ويندي. ايڪس تي جاري ڪيل بيان ۾ وفاقي وزير چيو ته 30 سالن کان تعطل جو شڪار موٽروي جي تعمير جو ڪم شروع ٿيڻ وڃي رهيو آهي. الله پاڪ جو ڪرم آهي ته ايم _6 جهڙن تاريخي منصوبن کي عملي شڪل ڏيڻ جو موقعو ملي رهيو آهي. هن چيو ته ايم _6 موٽروي سنڌ سميت پاڪستان جي واپاري سرگرمين کي نئين رفتار ڏيندو موٽر وي ايم _6 ملڪ جي معاشي ترقي ۽ علائقائي رابطن کي هٿي وٺائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو هن چيو ته سکر حيدرآباد موٽروي جي پيڙهه جي پٿر رکڻ واري تقريب منعقد ڪئي ويندي، جنهن ۾ صدر آصف علي زرداري ۽ بلاول ڀٽو زرداري کي خاص طور تي شرڪت جي دعوت ڏني ويندي جڏهن ته وزيراعلي سنڌ ۽ صوبائي ڪابينه جي معزز ميمبرن کي پڻ شرڪت جي دعوت ڏني ويندي.

بقايا 10

***

آهي. جنهن کي سنڌ حڪومت جي لائيوسٽاڪ کاتي اجاگر ڪيو آهي. اهڙو اظهار ڊائريڪٽر جنرل لائيوسٽاڪ سنڌ ڊاڪٽر حزب الله ڀٽي آر سي جانورن جي اسپتال ڪراچي ۾ ورلڊ اينيمل ڊي جي مناسبت سان هڪ منعقد ٿيل تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو هن چيو ته بي زبان جانورن کي انسان جي شفقت جي ضرورت آهي بيمارين کان بچائڻ ۽ هنن جي کاڌ خوراڪ جو پڻ خيال رکڻو آهي. هن چيو ته انسان سان گڏ چار ڄنگهن وارا جانورن کي بيمارين کان بچاءُ لاءِ سڄي صوبي ۾ ويڪسين ڪئي آهي جنهن سان کير ۽ گوشت جي پيداوار وڌائڻ لاءِ صوبائي وزير جي محنت سان ٻاهرين ملڪن مان اسان پلي نسل جا جانور آندا آهن. جنهن مان اسان جي صوبي جي مالوندن کي وڏو فائدو ٿيندو جڏهن ته اسان گوشت جي پيداوار وڌائي اسان پرڏيهي ناڻو به ڪمائي سگهون ٿا. ان موقعي تي ڊاڪٽر ارشد خانزاده ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري ڊاڪٽر نعيم صديقي ڊائريڪٽر جنرل لائيوسٽاڪ ريسرچ ۽ ويڪسينيشن ڊاڪٽر عادل يعقوب ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر اينيمل هسبنڊري، ڊاڪٽر عبدالمنان ڪوڪر ڊي آءِ او ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيوسٽاڪ اينيمل هسبنڊري ڪراچي، ڊاڪٽر گوردن داس ۽ ڊاڪٽر چندر ڪمار جانورن جي عالمي ڏهاڙي تي پنهنجي تقريرن ۾ خيالن جو اظهار ڪيو ۽ جانورن جي خدمت بابت پنهنجي تجربي تحت خيالن جو اظهار ڪيو ان موقعي تي بهتر ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ونٽري آفيسرن کي شيلڊ ۽ سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا ويا جڏهن ته آر سي اسپتال جي 11 ونٽري ڊاڪٽرن کي لائيوسٽاڪ کاتي پاران ونٽري سروس ڪرڻ لاءِ موٽرسائيڪل جون چاٻيون ۽ ونٽري ڪٽ به ڏني وئي.

بقايا 11

***

ڪيو ويو، جڏهن ته 2 جوابدار فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. زخمي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو تفصيل موجب ضلعي ويسٽ جي ٿاڻي گلشن معمار جي حدن عمر بروهي گوٺ ۾ پوليس ۽ هٿياربند جوابدارن وچ ۾ مبينا مقابلو ٿيو ضلعي ويسٽ پوليس جي ترجمان موجب فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ ٻن زخمي جوابدارن سميت 3 جڻن کي گرفتار ڪيو ويو زخمي جوابدارن سڃاڻپ عبدالقادر ولد نياز علي ۽ محمد نادر ولد ڪريم بخش جي نالن سان ٿي. جڏهن ته عبدالسلام ولد عبد الستار کي پڻ گرفتار ڪري ٿاڻي منتقل ڪيو ويو ايس ايس پي ويسٽ طارق الاهي مستوئي موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 2 غير قانوني پستول بمعه ايمونيشن، فائر ٿيل خول، روڪ رقم ۽ وارداتن ۾ استعمال ٿيندڙ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي پوليس موجب زخمي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته ٽئين جوابدار کي ٿاڻي منتقل ڪيو ويو جوابدار جو اڳوڻو ڏوهاري رڪارڊ پڻ چيڪ ڪيو پيو وڃي ٻي ڪارروائي نيو ڪراچي جي سيڪٽر 11 _ آءِ سروس روڊ، پراڻي آئيڊيل شادي هال ڀرسان ڪئي وئي، جتي پوليس ۽ موٽرسائيڪل سوار 2 هٿياربند جوابدارن جي وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. پوليس موجب ڪارروائي دوران هڪ جوابدار ڪاشف ولد شاهد کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ساٿي رات جي اونداهي جو فائدو وٺندي فرار ٿي ويو پوليس موجب گرفتار جوابدار جي عمر تقريبن 30 کان 32 سال آهي ۽ سندس قبضي مان 30 بور پستول، لوڊ ميگزين ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن. زخمي جوابدار کي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته فرار ٿيل جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ان کان علاوه سمن آباد پوليس ڊي ٽي پي ڪچو پڪو روڊ، بلاڪ 19 پرسنان گشت دوران شڪي موٽرسائيڪل سوار جوابدارن کي بيهڻ جو اشارو ڪيو ته انهن پوليس پارٽي تي فائرنگ ڪري ڇڏي. پوليس جي جوابي فائرنگ سان هڪ جوابدار عبيدالله خان ولد سلام خان کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو، جڏهن ته سندس ساٿي فرار ٿي ويو پوليس گرفتار جوابدار جي قبضي مان 30 بور پستول، 4 زنده رائونڊ ۽ موٽرسائيڪل هٿ ڪري ورتي. زخمي جوابدار کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو، جڏهن ته فرار ٿيل جوابدار جي ڳولا جاري آهي جوابدارن جي اڳوڻي ڏوهاري رڪارڊ جي جاچ سميت وڌيڪ قانوني ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 12

***

۽ موجوده وقت جون سيٽلائيٽ تصويرون شيئر ڪندي هن اتان جي رهواسين جي لاءِ انساني امداد جي وڌيڪ فراهمي تي زور ڏنو انهي پوسٽ ۾ گوگل ارٿ جون سيٽلائيٽ تصويرون سان گڏ هالي ووڊ اسٽار گڏيل قومن جا انگ اکر به شيئر ڪيا. هن چيو ته گوگل ارٿ تي غزه ۾ ٿيل تباهي ڏسي سگهجي ٿي جتي سمورا علائقا مٽيءَ جي ڍير ۾ تبديل ٿي چڪا آهن. گهرن، اسڪول، اسپتال، روڊن ۽ بنيادي سهولتن کي پڻ سخت نقصان پهتو آهي. هن جو چوڻ هو ته پورو خطو ملبي جو ڍير بڻجي چڪو آهي جڏهن ته گڏيل قومن موجب غزه جي 82 سيڪڙو عمارتن کي نقصان پهتو آهي ڪيترين ئي عمارتون مڪمل طور تي تباهه ٿي چڪيون آهن انجلينا جولي چيو ته سياري جي آمد کان اڳ غزه جي 94 سيڪڙو ماڻهن کي پناهه ۽ ضروري سامان جي ضرورت آهي جڏهن ته انساني امداد ۽ خيمن جو سامان هن وقت به دير جو شڪار آهي. هن چيو ته سيٽلائيٽ تصويرن سان تباهي جي خبر پوندي آهي انهي مان ٻچي ويل خاندانن جي صدمي جو اندازو نٿو لڳائي سگهجي. ياد رهي ته اداڪاره هلنڊڙ سال جي شروع ۾ مصر کان رفح ڪراسنگ جو دورو ڪري آئي امدادي سرگرمين جو مشاهدو ڪندي غزه جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو هو.

بقايا 13

***

جان، عزت ۽ ملڪيت جو ضروري تحفظ يقيني بڻايو وڃي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ٻن ججن تي ٻڌل آئيني بينچ، جنهن جي سربراهي جسٽس محمد سليم جيسر ڪئي، پوليس کي اهو به حڪم ڏنو ته مڙس خلاف داخل اغوا جي ڪيس ۾ درخواست گذار عورت پاران رڪارڊ ڪرايل بيان جي روشني ۾ لاڳاپيل مئجسٽريٽ آڏو رپورٽ پيش ڪئي وڃي. گهرو کاتي، پوليس جي مختلف آفيسرن ۽ ڪجهه خانگي ماڻهن کي درخواست ۾ ڌر بڻائيندي ثانيا بلوچ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست داخل ڪئي هئي. هن موقف اختيار ڪيو ته هن محمد عاقل سان پنهنجي مرضيءَ سان شادي ڪئي آهي ۽ عدالت کان تحفظ فراهم ڪرڻ سان گڏ ايف آءِ آر ختم ڪرڻ جي استدعا ڪئي. درخواستگذار جي وڪيل دليل ڏنو ته سندس موڪل بالغ ۽ قانوني طور پنهنجي مرضيءَ سان فيصلا ڪرڻ جي اهل آهي ۽ ان ڪنهن به قسم جي زور، زبردستي يا دٻاءَ کانسواءِ آگسٽ ۾ شادي ڪئي هئي. هاڻي هوءَ پنهنجي ازدواجي ذميواريون ادا ڪري رهي آهي ۽ پنهنجي مڙس سان خوشيءَ سان گڏ رهي رهي آهي. وڪيل وڌيڪ ٻڌايو ته درخواستگذار جي خاندان جا ماڻهو، خاص طور سندس والد، هن جي شادي تي ناراض ٿي ويا آهن ۽ درخواستگذار ۽ سندس مڙس ٻنهي کي سنگين نتيجن جون ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن. خاندان طرفان هن جي اغوا بابت ايف آءِ آر به داخل ڪرائي وئي آهي. جيڪا پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلم 365 _ بي ۽ انساني اسمگلنگ جي روڪٿام واري ايڪٽ 2018 ع جي قلم 2/3 تحت ضلعي عمرڪوٽ جي نبيسر روڊ ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي آهي. صوبائي قانون آفيسر عدالت کي ٻڌايو ته سرڪاري ڌريون قانون موجب سيني شهرين، جن ۾ درخواستگذار به شامل آهن، کي بنا ڪنهن فرق جي تحفظ فراهم ڪرڻ جون پابند آهن انهن تي لازم آهي ته درخواستگذار ۽ سندس مڙس جي جان، عزت ۽ ملڪيت کي قانوني تحفظ فراهم ڪن ان کانپوءِ درخواستگذار جي وڪيل، سرڪاري ڌرين، پوليس آفيسرن ۽ اسسٽنٽ ايڊووڪيٽ جنرل پاران ڏنل بيانن مان مطمئن ٿي، عدالت ڪان درخواست ختم ڪرڻ جي استدعا ڪئي ۽ سرڪاري ڌرين کي ضروري تحفظ فراهم ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪرڻ لاءِ چيو عدالت پنهنجي حڪم ۾ چيو: "مٿي ڪيل سموري بحث جي روشني ۾ هي درخواست ان هدايت سان نيڪال ڪئي وڃي ٿي ته سرڪاري ڌريون قانون موجب سختيءَ سان عمل ڪن ۽ درخواستگذار عورت ۽ سندس مڙس کي جان، آزادي، عزت ۽ ملڪيت جو ضروري قانوني تحفظ فراهم ڪن ان ڳالهه کي يقيني بڻايو وڃي ته ڪو به کين ڪنهن به غيرقانوني طريقي سان تنگ نه ڪري ۽ نه ئي ڪنهن هراسان نه ڪري سگهي." "ڪيس جي جاچ آفيسر عدالت کي يقين ڏياريو ته هن عورت جو بيان رڪارڊ ڪري ورتو آهي ۽ ان بابت رپورٽ لاڳاپيل مئجسٽريٽ آڏو پيش ڪندو.

بقايا 14

***

موجب حادثو ڊرگ روڊ اندر پاس پرسان پيش آيو، جتي نامعلوم گاڏي موٽرسائيڪل سوار کي ٽڪر هنئي. جنهن جي نتيجي ۾ هو ٽڏي تي ئي فوت ٿي ويو ريسيو اختيارين موجب اطلاع ملڻ تي امدادي ٽيم واقعي واري هنڌ پهچي فوت ٿيل شخص جو لاش اسپتال منتقل ڪيو. ريسڪيو اختيارين جو چوڻ آهي ته فوت ٿيل موٽرسائيڪل سوار جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي. جڏهن ته حادثي بابت وڌيڪ ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 15

***

ٿيل شخص جي سڃاڻپ مصطفيٰ نالي سان ٿي آهي. حادثي کانپوءِ ريسڪيو اهلڪارن لاش تحويل ۾ وٺي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو ريسيو اختيارين موجب هلندڙ سال ڪراچي ۾ ٽريفڪ حادثن دوران فوت ٿيل ماڻهن جو انگ 690 تي ويو آهي، جڏهن ته هيوي ٽريفڪ سبب پيش ايندڙ حادثن ۾ هن وقت تائين 210 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن.

بقايا 16

***

گاڏيون چورائڻ ۾ ملوث جوابدار مارجي ويو پوليس اختيارين موجب مارجي ويل جوابدار محمد بروهي خلاف ڪراچي جي مختلف ٿاڻن ۾ 47 ڪيس داخل هئا، جڏهن ته ڪيس ماضي ۾ 7 ڀيرا گرفتار پڻ ڪيو ويو هو پوليس موجب مارجي ويل جوابدار ٻين صوبائي ڪارلفٽر گينگ جو ڪارندو هو. جڏهن ته مقابلي دوران سندس 2 ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي ته مارجي ويل جوابدار وٽان سعيد آباد ٿاڻي جي حد مان چوري ٿيل ڪار ۽ هٿيار پڻ هٿ ڪيا ويا آهن. پوليس موجب جوابدار گاڏين جي چوري، پوليس مقابلن، هٿيار ۽ منشيات سميت مختلف ڪيسن ۾ ملوث هو. جڏهن ته فرار ٿيل ساٿين جي گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا 17

***

فتار ڪيو ويو آهي. پوليس ترجمان موجب منشيات فروشن خلاف ڪارروائين دوران 73 جوابدار گرفتار ڪيا ويا. جڏهن ته غيرقانوني هٿيار رکڻ ۽ هٿيارن جي نمائش ۾ ملوث 111 جوابدارن کي پڻ گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب گرفتار جوابدارن وٽان 3 ڪلاشنڪوف، 4 رائفلون، 11 خنجر ۽ مختلف بور جا 94 پستول هٿ ڪيا ويا. پوليس ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته ڪريڪ ڊائون دوران ٻن هفتن ۾ 314 اشتهاري جوابدارن کي پڻ گرفتار ڪيو ويو.

بقايا 18

***

سنڌو ڊولفن، تلور، مور، هرڻ، مگرمڇ، آبي پکين ۽ ٻين جهنگلي جيوت جو مسڪن آهي. مور سميت سنڌ جا خوبصورت ۽ ناياب جانور اسان جي قدرتي ورثي جو حصو آهن ۽ جهنگلي جيوت جو تحفظ صوبي جي قدرتي سونهن ۽ ماحول جي تحفظ لاءِ ناگزير آهي. سيد مراد علي شاهه چيو ته جانورن سان رحم، محبت ۽ حسن سلوڪ اسان جي اخلاقي ذميواري آهي. جانورن تي ظلم ۽ تشدد جي هر صورت ۾ حوصلاشڪني ڪرڻي پوندي. سنڌ حڪومت جانورن جي صحت، فلاح ۽ بهبود، تحفظ ۽ جهنگلي جيوت جي واڌاري لاءِ قدم جاري رکندي. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته دريائن، ڍنڍن، سامونڊي علائقن ۽ قدرتي مسڪن جو تحفظ جهنگلي جيوت لاءِ انتهائي ضروري آهي. سنڌ جي آبي جيوت ۽ لڏپلاڻ ڪندڙ پکي اسان جي قدرتي ماحول جو قيمتي حصو آهن. انهن جي قدرتي مسڪن جو تحفظ ايندڙ نسلن جي محفوظ مستقبل جي ضمانت آهي هن چيو ته عالمي يوم حيوان اسان کي بي زبان مخلوق جي حقن ۽ تحفظ جو احساس ڏياري ٿو جهنگلي جيوت جي تحفظ لاءِ حڪومتي قدمن سان گڏ عوامي سهڪار پڻ ناگزير آهي. سنڌ جا عوام جانورن ۽ پکين سان همدردي ۽ ذميواري اختيار ڪن سيد مراد علي شاهه چيو ته قدرتي ماحول، جهنگلي جيوت ۽ حيوانن جو تحفظ اسان جي ايندڙ نسلن لاءِ اهم ذميواري آهي ۽ سنڌ حڪومت ان مقصد لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي.

بقايا 19

***

ائي جي تعريف ڪندي چيو آهي ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ قوم سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي. ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ دهشتگردي جو مڪمل خاتمو تمام گهڻو ضروري آهي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ مان جاري ٿيل بيان موجب وزيراعظم فتنه الخوارج جي 8 دهشتگردن کي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن دوران جهنم پيڙو ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته پوري قوم دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز سان گڏ آهي.

بقايا 20

***

هو ته خيبرپختونخواهه ۾ هر ٻئي ڏينهن دهشتگردي جا واقعا ٿي رهيا آهن پر پي ٽي آءِ جو ڌيان سياست تي آهي نٿا چاهيون ٿا ته خيبرپختونخواهه ۾ ايمرجنسي لڳائي دهشتگردي جو مقابلو ڪرڻو پوي. پ پ چيئرمين جو چوڻ هو ته پي ٽي آءِ جو احتجاج وڌ کان وڌ تائين ڪامياب ٿي چڪو آهي، اسلام آباد 10 ڏينهن کان بند پيل آهي. هن مشورو ڏنو ته هاڻ پي ٽي آءِ لانگ مارچ ختم ڪري معاملي جو سياسي حل ڪڍي، سياسي بحران کي قومي مفاد کان ڌار رکي.

بقايا 21

***

ت سان ڳالهين جي ٽئين سيشن لاءِ متحرڪ ٿي ويا آهن. پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ وفاقي حڪومت جي وچ ۾ ڳالهين ۾ ڊيڊ لاڪ برقرار آهي، ٻنهي جي وچ ۾ ٻن ڏينهن جون ڳالهيون ڪالهه بغير ڪنهن نتيجي جي ختم ٿي ويون. پي ٽي آءِ ذريعن جو چوڻ آهي ته چيئرمين پي ٽي آءِ ڳالهين کي جاري رکڻ لاءِ سرگرم آهي، ۽ ڳالهين جي ٽئين سيشن لاءِ بيرسٽر گوهر سان رابطا جاري آهن. ذريعن موجب، پي ٽي آءِ جا ڪيترائي سينئر اڳواڻ لانگ مارچ کان اڳ ڳالهين جي ڪاميابي لاءِ بي تاب آهن ٻئي طرف، گهرو وزير محسن نقوي سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل پنهنجي بيان ۾ چيو ته ڳالهين دوران، ڪي پي حڪومت 72 ڪلاڪن اندر تحريري معاهدو ۽ عملدرآمد جا منصوبا جمع ڪرايا. ڳالهين دوران، ڪي پي حڪومت هڪ تحريري معاهدي ۽ بهتر طريقي سان بهتر سيڪيورٽي پلان تي متفق ٿي هئي، پر آخري مرحلي ۾، ڪي پي حڪومت پنهنجن واعدن تان ڦري وئي. صوبو جنگ جي حالت ۾ آهي. هن نازڪ وقت ۾ سيڪيورٽي کي سياست لاءِ قربان نه ڪيو وڃي.

بقايا 22

***

۽ ايندڙ نسلن جي روشن مستقبل جي جوڙجڪ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪن ٿا. ان ڪري تعليم سان گڏ ٻارن جي تربيت ۽ ڪردار سازي تي خاص ڌيان ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن چيو ته استاد تعليمي نسل کي رڳو تعليم يافته ٿي نه پر بهترين ۽ ذميوار شهري بڻائڻ جي ذميواري پڻ نڀائين. هو زيڊ ايجوڪيشن سوسائٽي ۽ زيڊ گروپ آف ڪمپنيز جي اهتمام هيٺ عالمي استادن جي ڏينهن جي موقعي تي منعقد ڪيل تقريب کي خاص مهمان طور خطاب ڪري رهيو هو سنڌ جي گورنر تقريب جي انعقاد تي اداري جي انتظاميا کي مبارڪباد ڏيندي استادن جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته سڄي دنيا ۾ شاگرد مستقبل ۾ جتي به ڪاميابيون حاصل ڪن ٿا، انهن جي شخصيت ۽ ڪردار ۾ استادن ۽ تعليمي ادارن جي تربيت نمايان نظر اچي ٿي سيد محمد نهال هاشمي چيو ته استاد جي اهميت کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ ممڪن ناهي. اسلام ۾ استاد کي خاص مقام حاصل آهي. "اقرا" سان ٿي. اسلام ۾ علم ۽ استاد جو مقام انتهائي بلند آهي. تنهن ڪري تدريس رڳو هڪ پيشو نه پر هڪ عظيم قومي خدمت آهي. جيڪو استاد رڳو ڪتابي علم منتقل نٿو ڪري، پر شاگردن کي انسانيت، اخلاق، ذميواري ۽ معاشرتي قدرن کان پڻ روشناس ڪرائي ٿو هڪ استاد جي حوصلا افزائي، رهنمائي ۽ مثبت سوچ ڪنهن شاگرد جي زندگي جو رخ تبديل ڪري سگهي ٿي. سنڌ جي گورنر زور ڏنو ته استاد شاگردن ۾ تحقيق، مطالعي، سوال ڪرڻ ۽ سکڻ جو جذبو پيدا ڪن ۽ انهن کي رڳو امتحانن تائين محدود رکڻ بدران معاشري جو ڪارآمد ۽ باڪردار فرد بڻائين. هن چيو ته ٻولي ۽ ثقافت ڪنهن به قوم جي سڃاڻپ هوندي آهي. دنيا جون ترقي يافته قومون پنهنجي قومي ٻولين کي ترجيح ڏين ٿيون. ان ڪري استاد قومي ٻولي جي فروغ ۽ واڌاري ۾ به ڀرپور ڪردار ادا ڪن هن وڌيڪ چيو ته ٻارن جي متوازن تربيت لاءِ والدين ۽ استادن وچ ۾ مضبوط رابطو ناگزير آهي، جڏهن ته استادن کي اها عزت، سهولتون ۽ سهڪار فراهم ڪيو وڃي جنهن جا اهي حقدار آهن سنڌ جي گورنر چيو ته مصنوعي ذهانت ۽ معلوماتي ٽيڪنالاجي جي هن دور ۾ استادن ۽ شاگردن کي جديد گهرجن سان هم آهنگ ڪرڻ ضروري آهي، تنهن هوندي به ٽيڪنالاجي جي استعمال سان گڏ اخلاق، ڪردار ۽ انساني قدرن کي پڻ اوليت ڏيڻي پوندي. هن چيو ته پاڪستان جي روشن مستقبل جو بنياد مضبوط تعليمي نظام ۽ باصلاحيت استادن تي رکيل آهي، ڇاڪاڻ ته مضبوط استاد ئي مضبوط معاشري جي ضمانت فراهم ڪري ٿو تقريب جي پڄاڻي تي سنڌ جي گورنر عالمي استادن جي ڏينهن جي موقعي تي استادن کي مبارڪباد پيش ڪئي، نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ استادن جي خدمتن کي ساراهيو ۽ انهن کي شيلڊون پيش ڪيون.

بقايا 23

***

مينيٽرنز جي مرڪزي ترجمان شازيه مري دهشتگردي خلاف قومي اتحاد ۽ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي زور ڏيندي چيو آهي ته دهشتگردي پاڪستان جي وجود، سلامتي ۽ جمهوري استحڪام لاءِ سنگين خطرو بڻجي چڪي آهي، جنهن جو مقابلو رڳو قومي يڪجهتي ۽ سياسي اتفاق راءِ سان ئي ممڪن آهي پنهنجي هڪ بيان ۾ شازيه مري چيو ته ڪراچي مٿي پاڪستان آهي ۽ ملڪ جي ڪنهن به حصي ۾ بدامني يا دهشتگردي جا اثر آخرڪار ڪراچي تائين پهچن ٿا، ان ڪري ملڪ جي سمورن حصن ۾ امن امان جو قيام قومي ترجيح هجڻ گهرجي. هن چيو ته خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان جي سيڪيورٽي صورتحال انتهائي ڳڻتي جوڳي آهي ۽ جيڪڏهن دهشتگردي تي بروقت ضابطو نه آندو ويو ته ان جا ناڪاري اثر سڄي ملڪ سميت ڪراچي تائين پکڙجي سگهن ٿا. شازيه مري چيو ته پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ڪيترن ئي موقعن تي واضح ڪري چڪا آهن ته دهشتگردي پيپلزپارٽي لاءِ ريڊ لائن آهي ۽ هن معاملي تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته دهشتگردي کي سياسي عينڪ سان ڏسڻ بدران قومي سلامتي جو مسئلو سمجهيو وڃي هن زور ڏنو ته دهشتگردي خلاف جنگ رڳو ڪنهن هڪ جماعت يا اداري جي ذميواري نه پر سڄي قوم، سمورين سياسي جماعتن ۽ رياستي ادارن جي گڏيل ذميواري آهي. ان مقصد لاءِ قومي سطح تي اتحاد ۽ مربوط حڪمت عملي ناگزير آهي مرڪزي ترجمان پيپلزپارٽي چيو ته بلاول ڀٽو زرداري وفاقي حڪومت ۽ خيبر پختونخوا حڪومت تي زور ڏنو آهي ته دهشتگردي خلاف گڏيل قدمن لاءِ هڪ لکيل معاهدو ڪيو وڃي ته جيئن عملي سطح تي اثرائتي اڳڀرائي يقيني بڻائي سگهجي. شازيه مري موجب پيپلزپارٽي جي چيئرمين جو موقف آهي ته ڪنهن به آئيني يا انتظامي قدم کان اڳ سياسي ڳالهين جو دروازو ممڪن رستا اختيار ڪيا وڃن ۽ پي ٽي آءِ سميت سمورين سياسي جماعتن سان ڳالهه ٻولهه ڪري دهشتگردي خلاف هڪ گڏيل قومي لائحه عمل جوڙيو وڃي. هن چيو ته بلاول ڀٽو زرداري واضح طور چيو آهي ته سياسي اختلافن ۽ دهشتگردي جي قومي مفاد کي الڳ الڳ رکڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته دهشتگردي خلاف ڪاميابي قومي يڪجهتي کانسواءِ ممڪن ناهي. شازيه مري چيو ته پاڙيسري ملڪن کان دهشتگرد گروهن کي ملندڙ مدد پڻ پاڪستان جي سلامتي لاءِ هڪ وڏو چئلينج آهي، جنهن کي منهن ڏيڻ لاءِ اندروني ۽ پرڏيهي سطح تي اثرائتي حڪمت عملي گهربل آهي هن وڌيڪ چيو ته خيبر پختونخوا ۾ دهشتگردي جي مسلسل واقعن باوجود سياسي ڇڪتاڻ ۽ احتجاجي سرگرمين جو جاري رهڻ ڳڻتي جوڳو آهي. سمورين سياسي قوتن کي ڳالهين واري عمل جي ڪاميابي لاءِ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ته جيئن ملڪ کي سياسي عدم استحڪام کان بچائي سگهجي. شازيه مري چيو ته سياسي استحڪام ئي دهشتگردي خلاف اثرائتي جنگ ۽ عوامي ڀلائي ۽ ترقي جي منصوبن جي تسلسل جي ضمانت آهي. هن ياد ڏياريو ته پاڪستان پيپلزپارٽي دهشتگردي خلاف جدوجهد ۾ بي شمار قربانيون ڏنيون آهن ۽ هن ناسور جي خاتمي لاءِ پنهنجي جدوجهد جاري رکندي. هن ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پيپلزپارٽي دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سمورا آئيني ۽ جمهوري رستا اختيار ڪرڻ جي يقين رکي ٿي ۽ ملڪ ۾ ايمرجنسي يا گورنر راڄ جهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ کان اڳ سياسي حل ڪڍڻ سمورين جمهوري قوتن جي گڏيل ذميواري آهي. شازيه مري چيو ته پاڪستان جي سلامتي، جمهوريت جي استحڪام ۽ سمورن صوبن جي مفاد ۾ سياسي ڳالهين جي ڪاميابي ناگزير آهي، ڇاڪاڻ ته مضبوط ۽ پرامن پاڪستان ئي عوام جي ترقي ۽ خوشحالي جي ضمانت بڻجي سگهي ٿو.

بقايا 24

***

مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. تفصيل موجب شهيد ٿي ويل شهرين جي جنازي جي نماز ادا ڪئي وئي، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ ماڻهن شرڪت ڪئي. شهيد ٿي ويل شهرين جي ڪٽنبن جو چوڻ آهي ته بزدل ڀارت ۽ ايٽري همت آهي ته پاڪستاني قوم سان اکيون اکين ۾ ملائي مقابلو ڪري، سرحدي علائقن جي شهرين پارتي فورسز جي ان قسم جي قدمن کي شرم جوڳو عمل قرار ڏنو آهي.

بقايا 25

***

حاق ڊار جي سربراهي ۾ اسٽيئرنگ ڪميٽي جي اجلاس ۾ اهم فيصلا ڪيا ويا، جنهن تحت ڪنڊ جي برآمد ايل سي ايٽ سائٽ تي ايڊوانس ادائيگي جي بنياد تي ڪئي ويندي. فيصلي موجب ڪنڊ جي برآمد لاءِ شپمينٽ جي آخري تاريخ 31 ڊسمبر مقرر ڪئي ويندي، جڏهن ته ايڪسپورٽ پروسيڊز جي رپورٽنگ اسٽيٽ بئنڪ جي ضابطن موجب ڪئي ويندي.

بقايا 26

***

محمد نوازشريف سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ ملڪي سياسي صورتحال تي تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون. شهباز شريف ميان نوازشريف کي حڪومت ۽ اپوزيشن جي وچ ۾ ڳالهين بابت تفصيلن کان آگاهه ڪيو وزيراعظم شهباز شريف گهرو وزير سان ٿيندڙ ملاقات ۾ پي ٽي آءِ لانگ مارچ جي حوالي سان تفصيلي ڳالهيون ڪيون. نوازشريف سان ملاقات ختم ٿيڻ کان پوءِ وزيراعظم شهباز شريف جاتي امراءِ کان واپس روانو ٿي ويو ملاقات 2 کان 3 ڪلاڪ جاري رهي. ياد رهي ته گذريل 2 ڏينهن حڪومت ۽ اپوزيشن جي وچ ۾ ڳالهيون ناڪام ٿي ويون هيون، ڳالهيون تقريبن 13 ڪلاڪ جاري رهيون. محمود خان اڇڪزئي ۽ وزيراعليٰ سهيل آفريدي پي ٽي آءِ باني سان ملاقات جي لاءِ چمي ويا هئا، انهن موقف اختيار ڪيو هو ته مارچ ختم ڪرڻ جو اعلان باني پاڻ ڪندو.

بقايا 27

***

شتگردن خلاف ڪامياب آپريشن سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوارائي مهارت جي عڪاسي ڪري ٿو آچر تي قومي اسيمبلي سيڪريٽريٽ مان جاري ٿيل بيان ۾ سردار اياز صادق 8 دهشتگردن کي جهنم پيڙوڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي واکاڻ ڪئي ۽ چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي وقت تي اثرائتي ڪارروائي ذريعي دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ناڪام بڻايو. هن چيو ته ملڪ ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ دهشتگردي جو خاتمو ضروري آهي. دهشتگردي جي خاتمي لاءِ سيڪيورٽي فورسز جون قربانيون ۽ خدمتون تعريف جوڳيون آهن جڏهن ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز جو ڪارروايون جاري رهنديون.

بقايا 28

***

8 دهشتگرد مارجي ويا. سيڪيورٽي ذريعن جو چوڻ آهي ته خيبرپختونخواهه جي علائقي ڊيره اسماعيل خان ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي ڄاڻ جي اطلاع تي آپريشن ڪيو ويو، مارجي ويل 8 دهشتگردن ۾ فتنه الخوارج جا 3 اهم اڳواڻ به شامل آهن سيڪيورٽي ذريعن موجب مارجي ويل دهشتگردن کان پرڏيهي ڪرنسي ۽ وڏي مقدار ۾ هٿيار ۽ بارودي مواد به هٿ آيو. سيڪيورٽي فورسز عزم استحڪام ويژن جي تحت دهشتگردي جي مڪمل خاتمي ۽ پائيداري امن قائم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي.

بقايا 29

***

۽ غور هيٺ آهي. ذريعن موجب تجويز ڪيل منصوبي تحت حيدرآباد ايئرپورٽ جي رن وي جي موجوده ڊيگهه تقريبن 7 هزار فوٽن مان وڌائي 11 هزار 500 فوٽ ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. رن وي جي توسيع کان پوءِ بوئنگ 777 سميت وڏن مسافر بردار جهازن جي لينڊنگ ۽ ٽيڪ آف ممڪن ٿي سگهندي. جنهن سان ايئرپورٽ جي آپريشنل صلاحيت ۾ نمايان اضافو ٿيندو ذريعن چيو ته اپ گريڊيشن منصوبي ۾ مسافرن لاءِ جديد سهولتن جي فراهمي، ٽرمينل جي بهتري ۽ هنگامي حالتن ۾ متبادل هوائي آپريشنز جي انتظامن کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي. منصوبي جو مقصد حيدرآباد ايئرپورٽ کي هڪ اثرائتي علائقائي هوائي مرڪز طور ترقي ڏيڻ آهي. حڪام موجب جيڪڏهن ڪراچي يا ٻين ايئرپورٽن تي خراب موسم يا ڪنهن هنگامي صورتحال سبب پروازن جي لينڊنگ ممڪن نه هجي ته حيدرآباد ايئرپورٽ متبادل سهولت فراهم ڪري سگهندو. ان صورتحال ۾ مسافرن کي روڊ ذريعي ڪراچي ۽ سنڌ جي ٻين شهرن تائين منتقل ڪرڻ پڻ نسبتاً آسان هوندو، جنهن سان مسافرن کي پيش ايندڙ مشڪلاتن ۾ گهٽتائي ايندي. ذريعن وڌيڪ ٻڌايو ته حيدرآباد ايئرپورٽ تان ملڪ اندر ۽ علائقائي پروازن جي امڪاني شروعات لاءِ لاڳاپيل ڌرين سان صلاح مشوري جو امڪان پڻ موجود آهي. اپ گريڊيشن مڪمل ٿيڻ کان پوءِ هوائي آپريشنز کي مرحليوار وڌائڻ تي غور ڪيو ويندو واضح رهي ته حيدرآباد ايئرپورٽ تان آخري ڪمرشل پرواز 2013 ع ۾ پاڪستان انٽرنيشنل ايئرلائنز (پي آءِ اي) هلائي هئي، جنهن کان پوءِ هتي باقاعده ڪمرشل هوائي سرگرميون معطل آهن ماهرن موجب ايئرپورٽ کي جديد بنيادن تي اپ گريڊ ڪرڻ سان نه رڳو هنگامي حالتن ۾ متبادل هوائي سهولت فراهم ٿيندي، پر اندرون سنڌ هوائي رابطن جي فروغ ۽ علائقائي معاشي سرگرمين ۾ پڻ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿو.

بقايا 30

***

ن ۽ غازين کي خراج عقيدت جي نشاني آهي. سڌ سماءِ واري وزارت ۽ ڪيپيٽل ڊولپمينٽ اٿارٽي جي گڏيل سهڪار سان منعقد ٿيل تقريب ۾ وطن جي دفاع جي عظيم داستان جي عڪاسي ان يادگار کي هاڻي عوام لاءِ کولي ڇڏيو آهي. پرجوش ۽ رنگا رنگ تقريب ۾ موسيقي جو پروگرام ۽ شاندار پروجيڪشن ميپنگ شو پيش ڪيو ويو جنهن ۾ حق ويڙهه ۽ فتح کي اجاگر ڪيو ويو پاڪستان سان محبت جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي عوام جي تمام وڏي رش هئي. عوام جوش جو مظاهرو ڪندي هزارن جي تعداد ۾ يادگار فتح تي پهتو ان موقعي تي ٻارن جي هٿن ۾ جهنڊا، بزرگن جي اکين ۾ ڳوڙها ۽ هر دل ۾ فخر نمايان محسوس ٿي رهيو هو. يادگار فتح عوام لاءِ کلي ته ايئن محسوس ٿيو ڄڻ پورو پاڪستان هڪ جاءِ تي گڏ ٿيو آهي. مبصرن موجب يادگار فتح جو اهو بي مثال منظر صرف هڪ ڏينهن جو جشن نه پر هڪ نئين دور جي شروعات آهي. قوم اهو عزم ڪيو آهي ته هاڻي صرف ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي جي رستي تي گامزن رهنداسين ۽ پاڪستان کي دنيا جي نقشي تي بلند مقام ڏياريندا سين. اڪيهن ڏڏن شاهدن موجب يادگار فتح تي شهرين جي رش، اپ ڏارينڊ نعرا ۽ جذبي سان ڀرپور آمد ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته عوام ۽ ان جي محافظن وچ ۾ محبت، اعتماد جو رشتو ناقابل تسخير آهي جنهن کي ڪا به سازش ڪمزور نه ٿي ڪري سگهي. ان موقعي تي اسلام آباد جي فضا ۾ احتجاج جا نعرا ته پر پاڪستان زنده باد جا نعرا ٻڌڻ ۾ اچي رهيا هئا. يادگار فتح عوام لاءِ کلي ته قومي ترقي، استحڪام ۽ فتح جي رستي تي پنهنجي اعتماد جو اظهار ڪيو تقريب ۾ زندگي جي مختلف شعبن سان واسطو رکندڙ ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي، جن ۾ سماجي ۽ سياسي شخصيتون سميت راندين جي دنيا مان گهڻا ڪرڪيٽ ۽ ٻيا نمايان رانديگر پڻ موجود هئا. پاڪستان شطرنج فيڊريشن جي سربراهه ذيشان نقوي شطرنج گولڊ ميڊل حاصل ڪيل رانديگرن سان گڏ تقريب ۾ موجود هو تقريب ۾ مختلف اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي شاگردن پڻ شرڪت ڪئي ان موقعي تي اي بي بي سان ڳالهائيندي سڌ سماءِ واري وزارت جي سيڪريٽري اشفاق احمد خليل چيو ته "يادگار فتح" جي هيءَ يادگار نشاني قوم جي ان ڪاميابي جي نشاني آهي جنهن جو بنياد جرئت، بهادري ۽ اٽل عزم تي رکيو ويو آهي. هن "يادگار فتح" جي افتتاح کي قوم ۽ ايندڙ نسلن لاءِ فخر جو لمحو قرار ڏنو تقريب دوران پروجيڪشن ميپنگ ٽيڪنالاجي ذريعي شرڪت ڪندڙن کي يادگار فتح جي تعمير جي شروعات کان تڪميل تائين جي سفر کي اجاگر ڪيو ويو دستاويزي فلم ۾ ٻڌايو ويو ته يادگار ۾ پنج محراب تعمير ڪيا ويا آهن جيڪي اسلام جي پنجن رڪنن جي نشاني آهن اهي محراب پاڪستان جي پنجن ٿنڀن جي نمائندگي ڪن ٿا، جن ۾ حڪومت، عسڪري قوت، ميڊيا، عوام ۽ قومي نظريو شامل آهن. يادگار جو ڊيزائن پاڪستان جي هٿياربند فوج جي ٽنهي سروسز يعني، سامونڊي، زميني ۽ هوائي فوج سان گڏوگڏ سائبر دفاع ۽ خلائي جنگ جي پڻ عڪاسي ٿئي ٿي. تقريب دوران ڳالهائيندي قومي ڪرڪيٽر رضا الله پاڪستاني فوج جي بهادري ۽ قربانين کي خراج تحسين پيش ڪيو هن چيو ته اسان جي فوج ماضي ۾ پڻ دشمن کي عبرتناڪ شڪست ڏني آهي ۽ مستقبل ۾ پڻ دشمن کي شڪست ڏني ويندي. هن وڌيڪ چيو ته هن کي پاڪستاني هجڻ تي فخر محسوس ٿي رهيو آهي. ان موقعي تي چاچا ڪرڪيٽ حق جي ويڙهه ۾ شاندار ڪاميابي تي پوري قوم کي مبارڪون ڏيندي چيو ته مادر وطن لاءِ هزارين جانيون قربان آهن هن چيو ته پاڪستان پنهنجي ڪاميابين جي ڪري اڄ سڄي دنيا ۾ نمايان مقام حاصل ڪيو آهي.

بقايا 31

***

نئين حڪومت کي ڪجهه وقت ڏيو عوامي مسئلا حل ٿي ويندا. هڪ بيان ۾، ڊاڪٽر محمد نجيب انقي خان چيو ته اسان پونچ ۾ غير يقيني صورتحال جو پرامن حل گوليندا سين، احتجاج ڪندڙ اسان جا پنهنجا آهن. ۽ اسان جلد ئي مسئلن جو حل ڳوليندا سين عوام کي خطاب ڪندي هن وڌيڪ چيو ته نئين حڪومت کي ڪجهه وقت ڏيو عوامي مسئلا حل ڪيا ويندا، پهرين 100 ڏينهن ۾ سرڪاري منصوبا عوام جي سامهون آندا ويندا، عوامي مسئلا حل ڪرڻ ۽ ترقياتي منصوبا مڪمل ڪرڻ حڪومت جي ترجيح آهي.

بقايا 32

***

کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. ريلوي واري وزارت پاران جاري ڪيل بيان موجب وفاقي وزير چيو ته سيڪيورٽي فورسز جي قربانين ۽ بهادري کي پوري قوم سلام پيش ڪري ٿي. قوم پاڪ فوج سان گڏ آهي. هن وڌيڪ چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون جاري رهنديون. خيبر پختونخواهه مان دهشتگردي جي خاتمي کانسواءِ ملڪ ۾ پائيدار امن ممڪن نه آهي، دهشتگردي خلاف پوري قوم متحد آهي.

بقايا 33

***

ردن کي انٽيلي جنس بيسڊ آپريشن دوران جهنم پيڙو ڪرڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو آهي. آچر تي ايوان صدر جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب صدر مملڪت آپريشن دوران وڏي تعداد ۾ هٿيار ۽ ڌماڪيدار مادو هٿ ڪرڻ ۽ فتنه الخوارج جي اهم دهشتگردن کي انهن جي انجام تائين پهچائڻ تي سيڪيورٽي اهلڪارن جي ڀرپور حوصلا افزائي ڪئي. صدر مملڪت چيو ته پرڏيهي سرپرستي ۽ مقامي سهولتڪارن جي مدد سان سرگرم عمل دهشتگردن جي ناپاڪ ارادن کي ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيڻ ڏنو ويندو. هن چيو ته عزم استحڪام ويژن تحت فتنه الخوارج خلاف ڪارروايون پوري طاقت سان جاري رهنديون. صدر آصف علي زرداري وڌيڪ چيو ته ملڪ مان دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين سيڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون جاري رهنديون. پوري قوم ملڪ جي بهادر پٽن کي ملڪي امن ۽ سلامتي لاءِ جان جي قرباني ڏيڻ تي سلام پيش ڪري ٿي.

بقايا 34

***

۽ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 48 هزار 700 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 70 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 10 هزار 800 ڪيوسڪ آهي. خيرآباد پل تي پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ 61 هزار 300 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 7 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 37 هزار ڪيوسڪ آهي. جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 15 هزار 900 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 5 هزار 400 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1521.30 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 4.002 ملين ايڪو فٽ، منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1207.75 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 4.739 ملين ايڪو فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ. پاڻي جي موجوده سطح 645.80 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.167 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا 35

***

دولتپور جي قومي شاهراهه تي پيش آيو جتي تيز رفتار ڪار کي ٻئي طرف کان ايندڙ ٽڪنيڪل ٽينڪر ٽڪر هنئي جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ئي خاندان جا 5 ڄڻا ٽڏي تي ئي فوت ٿي ويا جڏهن ته 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا. ٻئي طرف اطلاع ملندي ئي پوليس به حادثي واري جڳهه تي پهتي جنهن جو چوڻ هو ته فوت ٿي ويلن ۾ 2 مرد، 2 عورتون ۽ 2 ٻار شامل آهن پوليس جو چوڻ هو ته حادثي ۾ زخمي ٿيل 3 ڄڻن کي فوري طبي امداد جي لاءِ رورل هيلٿ سينٽر شاهپور جهانيان منتقل ڪيو ويو جتي انهن جو علاج جاري آهي. ٻئي طرف اختيارين وڌيڪ ٻڌايو ته فوت ٿي ويل ۽ زخمي ماڻهن جو تعلق جيڪب آباد ضلعي سان ٻڌايو پيو وڃي، حادثي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا عوامي سوچ 01

شروع ٿيڻ باوجود آبادگارن کي مناسب اگهه نه ملڻ ۽ مختلف مدن ۾ مبينا اضافي ڪٽوتين سبب سخت معاشي پريشاني کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي. آبادگارن ۽ مقامي واپارين موجب گذريل سال سارين ۾ نمي (Moisture)جي شرح 22 سيڪڙو تائين هئي، جڏهن ته هن سيزن ۾ 18 سيڪڙو تائين نمي موسچر رکي وئي آهي، جنهن ڪري آبادگارن کي ڪٽتي وني وئي آهي. آبادگارن موجب هن وقت سارين جو اگهه تقريبن 51 هزار رپيا هلي پيو، جيڪو موجوده زرعي خرچن جي مقابلي ۾ گهٽ آهي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته سارين جي فصل تي پوک کان وني ڪٽائي ۽ ٿريشر تائين خرچن ۾ رڪاردآضافو ٿيو آهي. گذريل سال ٿريشر جا خرچ تقريبن 2 هزار رپيا في ايڪڙ هئا، جيڪي هن سال وڌي 3500 رپيا في ايڪڙ تائين پهچي ويا آهن. ان کان علاوه ڊيزل، مزدوري، مشينري، ڪٽائي ۽ ٻين زرعي خرچن ۾ پڻ واڌ سبب فصل جي مجموعي لاڳت ۾ وڏو اضافو ٿيو آهي. آبادگارن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن سارين جو اگهه موجوده سطح تي برقرار رهيو ۽ مختلف مدن ۾ ڪٽوتيون پڻ جاري رهيون ته کين پنهنجي فصل جي حقيقي قيمت به حاصل نه ٿيندي، جنهن سان ننڍا ۽ وچولا آبادگار وڌيڪ معاشي نقصان جو شڪار ٿيندا. علائقي جي آبادگارن ۽ زميندارن حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته سارين جو منصفاڻي ۽ آبادگارن لاءِ فائديمند اگهه مقرر ڪيو وڃي، نمي ۽ ٻين مدن ۾ غيرضروري ڪٽوتين جو خاتمو آندو وڃي ته جيئن آبادگارن کي سندن محنت جو مناسب معاوضو ملي سگهي.

بقايا عوامي سوچ 02

هو ته ڪول بلاڪ ٿو پڻ ويندو، جتي ڪيس ڪوئلي جي کاڻ جي توسيع جي ٽئين مرحلي بابت بريفنگ ڏني ويندي. جڏهن ته ان موقعي تي هو منصوبي جي نقاب ڪشائي پڻ ڪندو ان دوران بلاول ڀٽو زرداري مختلف اسٽالن جو معائنو ڪندو ۽ شاگردن، عورت ملازمن ۽ مقامي ملازمن سان ملاقات ڪندو. پنهنجي دوري دوران چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ٿر ڪول بلاڪ ون ۾ ڪوئلو سڪائڻ واري يونٽ جو افتتاح ڪرڻ ڪانپوءِ ڪليل کاڻ جو معائنو پڻ ڪندو. جڏهن ته هو 100 ايڪڙن تي ٻڌل زرعي تحقيقي ايراضيءَ ۾ کارو پاڻي استعمال ڪري چاري جي فصل پوکڻ واري منصوبي جو پڻ دورو ڪندو. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سنڌ اينگرو ڪول مائننگ ڪمپني جي ريڪريئشن سينٽر ۾ منعقد ٿيندڙ تقريب کي خطاب پڻ ڪندو. تقريب جي شروعات ڏينهن جو 12 وڳي ٿيندي

بقايا عوامي سوچ 03

چوهڙجمالي جا ساليانه چونڊون پرامن طريقي سان مڪمل ٿي ويون. جنهن ۾ فاروق آزاد ميمڻ صدر، ايڊووڪيٽ ڪاشف ميمڻ جنرل سيڪريٽري ۽ اياز ايوب ميمڻ خزانچي منتخب ٿي ويا. چونڊون تنظيم جي سينئر اڳواڻن تي ٻڌل اليڪشن بورڊ جي زير نگراني منعقد ٿيون، جنهن ۾ تنظيم جي اڪثر ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. نتيجن جي اعلان کان پوءِ اليڪشن بورڊ جي چيئرمين حافظ فضل الله فياض، ايڊووڪيٽ عرفان الله ميمڻ ۽ اقبال ميمڻ خطاب ڪندي چيو ته اسان کي خوشي آهي ته اليڪشن مڪمل طور شفاف ۽ جمهوري انداز ۾ ٿي، جنهن ۾ نوجوانن وڏي جوش سان حصو ورتو.محبتي ميڙاڪي ۾ اسان سمورن کي مبارڪباد پيش ڪيون ٿا۽ اميد ٿا ڪيون ته نوجوان سب گڏجي پنهنجي ماڻهن سان ڏک سک ۾ گڏ بيهندا ۽ انهن جي مالڪي ڪندا ان دوران نئي چونڊيل صدر فاروق آزاد جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ڪاشف ميمڻ ,خزانچي اياز ايوب ميمڻ چيو ته اعتماد ڪرڻ تي اسان سمورن ميمبرن جا ٿورائتو آهيون انشاءالله يوٿ ميمڻ اتحاد کي چوهڙجمالي جي هڪ مضبوط ۽ فلاحي تنظيم بڻائينداسي

بقايا عوامي سوچ 04

گدا حسين سانگي لاهوري محلا ميهر شاهه بخاري امام بارگاهه واري علائقي ۾ قائم خانگي ڪلينڪ ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو جنهن جي وارثن ڊاڪٽر متان غلط انجيڪشن لڳائڻ جو الزام لڳائيندي نينگر جو لاش ايمبولينس ۾ رکي لاهوري محلا روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب اينڊ ويندڙ ٽريفڪ جام ٿي وئي. ان موقعي تي فوتي نينگر جي وارثن ميڊيا اڳيان ڏانهيندي چيو ته اسان جي نينگر آفتاب علي سانگي کي تيز بخار ٿيو جنهن کي اسان لاهوري محلا ميهر شاهه امام بارگاهه پرسان قائم ڊاڪٽر اڪرام تونيو جي ڪلينڪ تي ڪٽائي آياسين. هنن الزام لڳايو ته ڊاڪٽر اڪرام تونيو آفتاب علي سانگي کي ٻهريان ٽيلهيون چاڙهي بعد ۾ غلط انجيڪشن لڳائي جنهن سبب سندس طبيعت ويتر خراب ٿي وئي ۽ هو تڙپي تڙپي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي موت جو ذميوار ڊاڪٽر آهي. هنن وس وارن کي اپيل ڪئي ته ڊاڪٽر اڪرام تونيو خلاف ڪيس داخل ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 05

تائين محدود رهڻ بدران عملي قدم کڻي ۽ صحافين تي مشتمل هڪ نمائنده ٽيم جوڙي ايس ايس پي ٺٽو ۽ اشرف چنڊ جي مائٽن سان ملاقات ڪري معاملي کي ڳالهين ذريعي حل ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري. ايوانِ صحافت پريس ڪلب ٺٽو جيَ صحافتي حلقن جو چوڻ آهي ته اشرف چنڊ جي مدد ڪرڻ صحافتي برادري جي گڏيل ذميواري آهي. جيڪڏهن ڪنهن صحافتي تنظيم يا گروهه جي ڪوشش سان ڌرين وچ ۾ ڳالهين جو رستو هموار ٿي مسئلو حل ٿئي ٿو ته اهو صحافت جي مثبت ۽ ذميوارانه ڪردار جو بهترين مثال هوندو. هنن چيو ته صحافت جو مقصد صرف مسئلن کي اجاگر ڪرڻ نه، پر جتي ممڪن هجي اتي مسئلن جي حل لاءِ مثبت ڪردار ادا ڪرڻ پڻ آهي. جيڪو ادارو يا تنظيم عملي طور اڳتي وڌي مسئلو حل ڪرائڻ ۾ ڪردار ادا ڪندي، ان جي ڪوشش کي صحافتي برادري ۾ قدر جي نگاهه سان ڏٺو ويندو. صحافتي حلقن ساڳئي وقت صحافين سان مبينا توهين آميز، تحقير آميز ۽ غيرمهذب روين تي پڻ سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو ته صحافت ڪنهن فرد يا گروهه جي ذاتي جاگير نه، پر قلم، اصولن، آزادي اظهار، عزتِ نفس ۽ صحافتي وقار جو نالو آهي. هنن چيو ته اختلافِ راءِ صحافت جو لازمي حصو آهي، پر اختلاف جي آڙ ۾ ڪنهن به صحافي جي عزتِ نفس مجروح ڪرڻ يا تحقير آميز رويو اختيار ڪرڻ قبولڻ جوڳو ناهي. صحافتي برادري کي ذاتي وابستگين ۽ گروهي مفادن کان مٿانهون ٿي صحافتي اصولن، اتحاد ۽ قلم جي حرمت لاءِ گڏيل موقف اختيار ڪرڻ گهرجي. صحافتي حلقن اميد ظاهر ڪئي ته صحافتي تنظيمون اڳتي وڌي اشرف چنڊ جي معاملي ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪنديون ۽ ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرائڻ لاءِ سنجيده ڪوششون ڪيون وينديون

بقايا عوامي سوچ 06

جو بنياد آهي، انصاف ڪانسواءِ شهرين جي حقن جو تحفظ ۽ عوام جو اعتماد برقرار نٿو رهي سگهي. رياست جي اتحاد، سالميت ۽ معاشرتي امن لاءِ مضبوط نظامِ انصاف انتهائي ضروري آهي. اهڙو اظهار هن هائي ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ۽ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي نون چونڊيل عهديدارن جي حلف برداري واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته وڪيل ايمانداري، سچائي ۽ اعليٰ پيشورانه اصولن تحت پنهنجا فرض سرانجام ڏين ۽ عدالت ۽ نظامِ انصاف جو احترام ملحوظ خاطر رکن. هن چيو ته "رياست ڪفر سان ته قائم رهي سگهي ٿي، پر ظلم سان قائم نٿي رهي سگهي." ڪنهن به شخص کي سندس بنيادي حقن کان محروم ڪرڻ ظلم آهي. چيف جسٽس ميرپورخاص کي ٿر جو دروازو قرار ڏيندي چيو ته ٿر سندس سڃاڻپ ۽ روح جو حصو آهي ۽ هن خطي جي عوام سان سندس گهري وابستگي آهي. ان موقعي تي هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي صدر ايڊووڪيٽ شوڪت علي راهمون چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ پاران ڪنيل قدمن کي ساراهيندي انهن کي قابلِ تحسين قرار ڏنو. هن چيو ته جن ڪيسن ۾ جنهن ڌر جو حق بڻجي ٿو ان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي ٿو ۽ ماڻهن کي پنهنجا حق حاصل ڪرڻ ۾ رليف ملي رهيو آهي. هن چيو ته عدالتي نظام ۾ نمايان بهتري آئي آهي، تنهن هوندي به انصاف جي فراهمي واري عمل کي وڌيڪ اثرائتو بڻائڻ لاءِ وڌيڪ بهتري آڻڻ جي ضرورت آهي. هن چيو ته هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص هميشه علائقي جي عوام جي حقن لاءِ پنهنجو آواز بلند ڪيو آهي ۽ قانون جي بالادستي ۽ انصاف جي فراهمي لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو آهي. هن ايمانداري ۽ خلوص نيت سان پنهنجون پيشورانه ذميواريون سرانجام ڏيندڙ وڪيلن کي ساراهيندي چيو ته علائقي جو نالو روشن ڪرڻ ۽ قانون ۽ انصاف جي سربلندي لاءِ نمايان خدمتون سرانجام ڏيندڙ ماڻهو قابلِ تحسين آهن. تقريب ۾ سنڌ هاءِ ڪورٽ جا جج صاحبان، عدالتي آفيسر بار ڪائونسلز جا ميمبر ۽ مختلف بار ايسوسيئيشنز جا عهديدار پڻ شرڪت ڪئي، جڏهن ته چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس ظفر احمد راجپوت نون چونڊيل عهديدارن کان حلف ورتو. ان موقعي تي هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ڪانجي مل ميگهواڙ، ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ميرپورخاص جي صدر ايڊووڪيٽ قلندر بخش لغاري ۽ جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ عبدالحسن نونداني پڻ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو.

بقايا عوامي سوچ 07

ٺٽو پوليس جي مبينا سستي ۽ خاموشي تي علائقي واسين ۽ درگاهه جي مريدن ۾ سخت ڪاوڙ پکڙجي وئي آهي. ذريعن موجب جوابدار خلاف گرفتاري جي مطالبي تي جنگشاهي شهر ۾ احتجاجي ڌرڻو پڻ هنيو ويو هو، جنهن ڪانپوءِ به مبينا طور جوابدار پاران حضرت علامه مولانا الحاج محمد فضل الله حسيني صاحب خلاف نامناسب لفظ استعمال ڪرڻ ۽ هاڻي صحافين کي فون ڪري گارگند ۽ ڌمڪيون ڏيڻ جا الزام سامهون اچي رهيا آهن. علائقي واسين جو چوڻ آهي ته مسلسل ڌمڪين ۽ مبينا بدتميزي باوجود پوليس طرفان اجا تائين واضح ڪارروائي نه ٿيڻ سبب صورتحال وڌيڪ خراب ٿيڻ جو خدشو آهي. هنن ايس ايس پي ٺٽو ۽ جنگشاهي پوليس کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي، قانون موجب جاچ ڪري، ذميوار شخص خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي، جيئن علائقي جو امن ۽ مذهبي هم آهنگي برقرار رهي. شهرين خبردار ڪيو ته پوليس جي وڌيڪ خاموشي سان صورتحال سنگين ٿي سگهي ٿي، تنهنڪري قانون کي هٿ ۾ کڻڻ بدران بروقت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 08

ٽاڪ امپرووممينٽ پروگرام جانورن جي پالنابابت لاءِ تربيتي پروگرام افتتاحي تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ مختلف ڳوٺن جي وٽنري ٽرنينگ پاس ڪندڙ شاگردن ۾ ڪٽ ۽ سرٽيفڪيٽ ايم پي اي فقيرشيرمحمد بلالاڻي پاڻ پنهنجن هٿ سان ورهاويا انهي موقعي تي ترڪول جنرل منيجرفرحان انصاري امام علي ڊيٽو پروفيسر ڊاڪٽرامداد علي زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ايگليڪلچر ڊاڪٽر دليپ ڪمارجمالدين پيو مرتظادرس تاج محمد درس منيش ڪمارڙتاڻي منيش ڪمارڏاڻي ثناءالله هنگورجو سائٽس گڏ هئا

بقايا عوامي سوچ 09

راپا احتجاج آهيون پر اسان ويٽنگ لسٽ جي اميدوارن کي نوڪرين جا آرڊر نٿا ڏنا وڃن هنن چيو ته وزيراعليٰ سنڌ ۽ آءِ جي سنڌ چئي چڪا آهن ته سنڌ پوليس ڪاتي ۾ 50 هزار جايون خالي آهن پوءِ به اسان کي نوڪرين جا آرڊر نٿا ڏنا وڃن. جيڪا اسان سان سراسر ناانصافي آهي هنن سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته ويٽنگ لسٽ جي اميدوارن کي فورن نوڪرين جا آرڊر ڏيئي روزگار فراهم ڪري بيچيني ختم ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 10

مان 1520 گرام چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان سلسلي ۾ ايس ايچ او روهڙي ثناء الله ڪونهارو موجب ڪارروائي دوران جوابدار شاهنواز عرف شانو عمراڻي کي چرس سميت گرفتار ڪيو ويو جنهن خلاف روهڙي ٿاڻي تي ڪيس نمبر 298/2026 قلم 9 (I)C3)، سي اين ايس ايڪٽ تحت داخل ڪيو ويو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 11

ٿي پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، محترم فريال ٽالپر، سيد خورشيد احمد شاهه، ناصر حسين شاهه، نوجوان ترجمان سنڌ ۽ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ سميت پارٽي جي اعليٰ قيادت جا ٿورا مڃيا آهن. پنهنجي رهائشگاهه تي ميڊيا سان ڳالهائيندي امتياز علي جتوئي چيو ته پارٽي قيادت مٿس اعتماد ڪندي هڪ اهم ذميواري سونپي آهي، جنهن تي هو قيادت جو دل جي گهراين سان ٿورائتو آهي. هن چيو ته هو پاڪستان پيپلز پارٽي جي عوامي منشور کي نظر ۾ رکندي هارين، مزدورن ۽ عام شهرين جي خدمت ڪندو ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ پنهنجون سموريون صلاحيتون ڪتب آڻيندو. هن وڌيڪ چيو ته جيڪي ماڻهو اهو سمجهن ٿا ته سنڌ کي ورهائيندا، اهو سندن خواب آهي، جيڪو ڪڏهن به حقيقت جو روپ نه وٺندو ۽ خواب ئي رهندو. ان موقعي تي هاري ڪميٽي سکر سٽي جو نائب صدر سرفراز ميراڻي، سپاف سکر سٽي جو وائيس پريزيڊنٽ وسيم مراد، يوٿ ڊپٽي انفارميشن سيڪريٽري سکر سٽي عامر شاهه سميت ٻيا ڪارڪن ۽ شهري پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 12

نٽ ڪمشنر ميرپورساڪرو پاران ناليواري ميڪ اپ ڊزائنر ۽ موڊلنگ سان وابسته "ڪاشي ڪنگڊم فارم هائوس" جو معائنو ڪري رڪارڊ جي جانچ پڙتال ڪئي وئي آهي ذرائع موجب علائقي واسين پاران ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو کي هڪ درخواست ڏني وئي هئي، جنهن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو هو ته مذڪوره فارم هائوس ۾ زرعي زمين کي مبينا طور غيرقانوني ڪمرشل مقصدن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي ۽ سرڪاري ٽيڪس توڙي واجب الادا فيسون ادا نه ٿيڻ بابت شڪايتون آهن. جنهن تي انتظاميا پاران نوٽيس جاري ڪيا ويا هئا. ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ميرپورساڪرو نبي بخش سولنگي جي اڳواڻي ۾ انتظاميا جي ٽيم فارم هائوس تي پهچي زمين جي استعمال، ڪمرشل سرگرمين، ملڪيتي رڪارڊ ۽ ٽيڪس ادائيگين بابت لاڳاپيل دستاويزن جي جانچ پڙتال ڪئي ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪمشنر نبي بخش سولنگي ٻڌايو ته زرعي زمينن جي غيرقانوني ڪمرشل استعمال بابت درخواستن تي قانون موجب تحقيقات ڪئي پئي وڃي هن چيو ته جاچ دوران جيڪڏهن قانون يا ضابطن جي ڪنهن به ڀڃڪڙي ثابت ٿي ته لاڳاپيل ضابطن هيٺ ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي هوڏانهن ڪاشي ڪنگڊم فارم هائوس جي انتظاميا پاران انتظامي ڪارروائي بابت اجا تائين ڪوبه رسمي بيان يا موقف سامهون نه آيو آهي. جڏهن ته انتظاميا پاران معاملي جي وڌيڪ قانوني جانچ جاري آهي

بقايا عوامي سوچ 13

گادي نشين حضرت قبلہ پير محمد صادق قريشي نقشبنديءَ جن جي 47سالگره ڌام ڌوم سان ريجن سطح تي جماعت لواري شريف طرفان ڳوٺ شير محمد جوٽيجو ۾ ملهائي وئي جنهن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي معزز، سياسي، سماجي شخصيتن خاص شرڪت ڪئي پروگرام جي صدارت نشات تنظيم جماعت لواري شريف جي مرڪزي صدر قادر بخش بگٽي صاحب ڪئي، جڏهن ته مهمان خاص پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقي ڏوڪري سردار علي ڏنو خان گاڏهي هئا سرائي علي بخش ميتلو، محمد علي جوٽيجو، محمد رمضان جيسر، پيپلزپارٽي ڏوڪري سٽي صدر قاضي جميل احمد جوٽيجو، پ پ اڳواڻ محمد دائود جوٽيجو. ميمبر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل شمن خان جوٽيجو، طفيل احمد جيسر,يوسي وڪڙو اڳوٽو چيئرمين، غلام حسين سولنگي، اسڪالر نور محمد قرڙو، محمد بچل جوٽيجو، اقبال جوٽيجو ڊاڪٽر مولا بخش جوٽيجو ۽ ٻين جماعت لواري شريف جا ڪيترن ئي معزز شخصيتن شرڪت ڪئي مهمانن کي سنڌ جي ثقافت اجرڪ ۽ گلن جي هارن جا تحفا ڏنا ويا پروگرام جي تلاوت، حافظ مولوي ذوالفقار جوٽيجو، ڪئي آجياڻو ڳوٺ جي معزز شخصيت ڊاڪٽر مولا بخش جوٽيجو پيش ڪيو جڏهن ته پروفيسر سائين بخش جوٽيجو، درگاهه لواري سريف جي جامع تاريخ تي ڳالهايو جنهن تي آيل مهمانن بڏي خوشي جو اظهار ڪيو. جنهن کان پوءِ ڪيڪ ڪاٽيو ويو جتي جماعت لواري شريف نوجوانن خوشي جو اظهار ڪيو. دعا خير گهري وئي بعد ۾ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو.

بقايا عوامي سوچ 14

ڪاري خزاني جي پينگ ٿيڻ لڳي ضلعي ٺٽي جو اهم ترين ڪاتو ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ڪاتو ٺٽو مڪمل طور تي ڪرپشن جي ور چڙهي ويو آهي مليل ڄاڻ موجب هر 3 مهينا بعد اينڊز ڪروڙين روپين جي بجيٽ جيڪا آبادگارن جي فائدي، ٻج، ڀاڻ ۽ زرعي دوائن جي سبسڊي لاءِ ايندي آهي،اها عوام تائين پهچڻ بدران ايڊيشنل ڊائريڪٽر ۽ موجوده اڪائونٽنٽ ۽ ڪلارڪن جي کيسي ۾ وڃڻ لڳي آهي،بجيٽ مان جعلي بل ٺاهي پئسا ڪيرايا وڃن ٿا آبادگارن جي نالي تي ڦر ڪاغذن ۾ آبادگارن کي فائدو ڏيکاري، حقيقت ۾ ڪجهه به نه ٿو ڏنو وڃي. اسٽيشنري ۽ پيٽرول جي مد ۾ ڪرپشن هر ته ماهي بجيٽ ۾ لکين روپيه پيٽرول، مرمت ۽ اسٽيشنري جي نالي تي هڙپ ڪيا وڃن ٿا،نٺي جي آبادگارن جو چوڻ آهي ته هن ڪاتي مان کين ڪڏهن به ڪو فائدو نه مليو آهي، نه ٻج مليو آهي، نه ئي ڪا رهنمائي. صرف ڪلارڪ ۽ آفيسر امير ٿيندا پيا وڃن.هوڏانهن اهو پڻ انڪشاف ٿيو آهي ته ان ڪاتي جو اڃ به سمورو ڪاروهنوار هڪ رٽائرڊ اڳوٽو اڪائونٽنٽ هلائي رهيو آهي،جنهن جي ٽريزري ٺٽو سان سٺي سيٽنگ ٿيل آهي ڪوڙا بوگس بل ٺاهي چيڪ پاس ڪرائي سمورا پئسا پاڻ ۾ ونڊ ورهاست ڪري کائي رهيا آهن.ٺٽي جي مقامي آبادگارن، هارين ۽ سماجي اڳواڻن نيب، اينٽي ڪرپشن، ڊي جي زراعت سنڌ ۽ سيڪريٽري زراعت کان پرزور مطالبو ڪيو آهي ته ايگريڪلچر ايڪسٽينشن ڪاتو ٺٽو جي گذريل ڪيترن ئي سالن کان اينڊز هر ته ماهي بجيٽ جي مڪمل انڪوائري ڪئي وڃي موجوده ايڊيشنل ڊائريڪٽر، اڪائونٽنٽ ۽ ٻين ڪرپٽ ڪلارڪن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري کين هٽايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 15

ن ڪميٽي طرفان هنگامي پريس ڪانفرنس ڪري سياڻي ڏڙو شهر ۾ احتجاج جي سڏ ڏئي ڇڏيو آهي. ياد رهي هڪ هفتو اڳ نٽي ڪان دڙي اينڊز فيملي سان پيش آيل افسوسناڪ واقعي ۾ اسڪولي ساگرديائي مرڪ ميمڻ قورن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي وئي هئي، جنهن جي قتل کي هڪ هفتي کان مٿي وقت گذري وڃڻ باوجود به سندس قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا، آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي طرفان شهيد مرڪ ميمڻ جي قاتل جي گرفتاري ۽ شهر جي امن امان تي هنگامي پريس ڪانفرنس ارباب هائوس تي ڪئي وئي جنهن ۾ ايڪشن ڪميٽي جو چيئرمين پ پ جو سابق ايم اين اي ارباب وزير احمد ميمڻ سميت ڪميٽي جي ميمبرن دائود سومرو، وائيس چيئرمين ارباب ذڪريا ميمڻ، نظام لاڪائي، رشيد آزاد سومرو، طلعت آڪاش پٽي، حافظ عبدالغفور ميمڻ، ڪامريڊ عزيز سومرو، اختر ڪڇي، اقبال ميمڻ، محمد خان ڪڇي، نذير سومرو، وقاص دايو انور ملاح ٻين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي جي چيئرمين ارباب وزير احمد ميمڻ، رشيد آزاد سومرو، حافظ عبدالغفور ميمڻ، دائود سومرو، طلعت آڪاش پٽي نظام لاڪائي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ڏڙي شهر جي ميمڻ فيملي سان تعلق رکندڙ شاگرد نياڻي مرڪ ميمڻ جي بي گناهه قتل جي جيتري به مذمت ڪجي سا گهٽ آهي، افسوس ان ڳالهه آهي، مرڪ ميمڻ جي قتل کي هڪ هفتو گذري وڃڻ باوجود سندس قاتل گرفتار نه ٿي سگهيا آهي، جيڪا انتظامي سنڌي نااهلي کي جنم ڏنو آهي، مرڪ ميمڻ خالي ميمڻ برادري جي نياڻي ناهي اهيءَ نياڻي سيني برادري جي نياڻي هئي، اسان بي گناهه قتل ٿيل نياڻي جي خون کي هرگز رائيگا ٿيڻ ڪون ڏينداسين. اسان پوليس انتظاميا کي خبردار ڪيون ٿا ته اها هرڪت ۾ اچي، خاموشي کي ختم ڪري مرڪ ميمڻ جي قاتل کي هٿ ڪري، هنن چيو ته هاڻي صبر ڪرڻ جو وقت گذري چڪو آهي، شهيد نياڻي جي قاتل جي هرفتاري انهن کي ڪهڙي ڪردار تائين پهچائڻ لاءِ سياڻي ڏڙي شهر کان احتجاجي تحريڪ هلائڻ جي شرعات ڪئي ويندي، هنن چيوته آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدر آباد ۽ ايس ايس پي معاملي جو نوٽيس وٺي شهيد مرڪ ميمڻ جا قاتل جلد گرفتار ڪن.

بقايا عوامي سوچ 16

سالگره مبارڪ جي مناسبت سان ناجيا شاگرد تنظيم "نشات" جماعت لواري شريف يونٽ خانصاحب عبدالرحمٰن ۽ يونٽ غوث بخش ڪالوني طرفان ضلع ليول تي هڪ عظيم الشان پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ جماعت لواري شريف وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. پروگرام جي صدارت مرڪزي صدر ناجيه شاگرد تنظيم نشات جماعت لواري شريف محترم حبيب الله جوٽيجو جن ڪئي جڏهن ته مهمانن جي گڏيلري ۾ محترم الله بچايو ڪوريجو مينيجر پير آف لواري شريف، محترم دين محمد ڪوريجو اسٽيٽ مينيجر وڏو ويڙ، مولابخش چنڊ مرڪزي نائب صدر نشات تنظيم جماعت لواري شريف، فتح الله جوٽيجو صدر نشات تنظيم ريجن بدين، مير انوار بخش ٽالپر چيئرمين يونين ڪائونسل لواري شريف، محترم قوٽو نياز جوٽيجو، مشهور نعت خوان محترم نورالدين جوٽيجو محترم اصغر علي ڪوريجو صدر نشات يونٽ خانصاحب عبدالرحمان ۽ محترم عبدالرحيم جوٽيجو صدر يونٽ غوث بخش ڪالوني موجود هئا. هن پروقار تقريب ۾ گيٽ پاڪ پڻ پڙهيا ويا جڏهن ته پروگرام جي ڪارروائي يونٽ جنرل سيڪريٽري سليمان ڪوريجو جن هلائي

بقايا عوامي سوچ 17

موجب سڄل پوليس کي اطلاع مليو ته وائيٽ هائوس پرسان هٿياربند ڌوهاري واردات جي ارادي سان بيٺا آهن. اطلاع ملڻ تي ايس ايچ او سڄل اعجاز جي نگراني ۾ پوليس آفيسر عمران ڪوڪر ۽ سندس ٽيم فوري طور تي موقعي تي پهچي ڌوهارين کي للڪاريو. پوليس کي ڏسندي ئي ڌوهارين پوليس تي فائرنگ شروع ڪري ڏني، جنهن تي پوليس به جوابي ڪارروائي ڪئي. ٻنهي پاسن کان فائرنگ جي ڏي وٺ کان پوءِ پوليس بهادري سان مقابلو ڪندي 3 مبينا ڌوهارين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته سندن 2 ساٿي ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. پوليس ترجمان موجب گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 1 چوري ٿيل موٽر سائيڪل، 2 عدد غير قانوني پسٽل ۽ ڦر ٿيل موبائل فون هٿ ڪيا ويا آهن. گرفتار ڌوهارين جو ڪافي ڏينهن کان پوليس کي گهرج هئي ۽ هو علائقي ۾ ڦر ۽ ڦورو ڪرڻ جي وارداتن ۾ ملوث هئا. زخمي جوابدارن کي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته فرار ٿيل جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ناڪابندي ڪري ڇڏي آهي. علائقي واسين سڄل پوليس جي هن ڪارروائي کي ساراهيو آهي ۽ چيو آهي ته اهڙين ڪاررواين سان علائقي ۾ ڏوهن ۾ گهٽتائي ايندي

بقايا عوامي سوچ 18

دي حبيب الله خاصخيلي، عبدالستار خاصخيلي بلاول ۽ ٻين چيو ته وفاقي حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي چڪي آهي هڪ نه ٻئي پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ ڪري عوام کان روزگار جو ذريعو کسيو پيو وڃي پيٽروليم شين ۾ واڌ سبب عام واهپي جي شين جا اگهه به چوٽ چڙهي ويا آهن غريب پورهيت هڪ ويلي لاءِ پريشان آهي. ۽ مهنگائي سبب خودڪشي ڪرڻ تي مجبور آهن حڪومت کان مطالبو آهي ته جلد کان جلد پيٽروليم شين جي اگهن ۾ لاٿ ڪري عوام کي فوري رليف ڏنو وڃي

بقايا عوامي سوچ 19

ق احمد زئنور، عبدالله ملاح، نياز سخيراڻي، چاچوحاجن پنهور ۽ ٻين شاهجهان پارڪ کان بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي، دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي، مظاهرين چيو ته دادو ۾ چوريون، ڦرون ۽ ڌاڙن جون وارداتون وڌي ويون آهن. جنهن سبب شهرين ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي، روزانو موٽر سائيڪلون ۽ ٻيو سامان ڦرجي رهيو آهي، پر پوليس ڦرٿيل سامان واپس ڪرائڻ ۽ جوابدار گرفتار ڪرڻ بدران متاثر شهرين کي پريشان ڪري رهي آهي، هنن چيو ته معصوم ٻارن کان به موٽر سائيڪلون ڦر ٿيڻ جا واقعا ڳڻتي جوڳا آهن. مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي دادو کان مطالبو ڪيو ته موٽر سائيڪل ڦر ڪندڙ جوابدارن کي فوري گرفتار ڪري ڦر ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي وڃي، شهر جي مختلف هنڌن تي پوليس پڪٽون قائم ڪري بدامني تي ضابطو آڻي شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 20

۾ ملاح گذريل هڪ هفتي کان پراسرار نموني لاپتا آهي، جنهن سبب سندس وارثن ۾ سخت پريشاني پکڙيل آهي. وارثن موجب حڪيم ملاح گذريل ست ڏينهن کان گهر واپس ناهي پهتو ۽ مختلف هنڌن تي پنهنجي مدد سان ڳولا ڪرڻ باوجود سندس ڪو ڏس پتو نه ملي سگهيو آهي. وارثن جو چوڻ آهي ته نوجوان جي گمشدگي بابت لاڳاپيل ادارن کي به اطلاع ڏنو ويو آهي، جڏهن ته هو پنهنجي طور تي به مسلسل ڳولا ڪري رهيا آهن. وارثن اڏيرولال ۽ ڀرپاسي جي علائقي جي ماڻهن، پوليس ۽ لاڳاپيل ادارن کي اپيل ڪئي آهي ته نوجوان حڪيم ملاح جي ڳولا ۾ مدد ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي سندس بابت ڪا معلومات ملي ته فوري طور وارثن کي اطلاع ڪيو وڃي. وارثن پاران نوجوان جي جلد بازيابي لاءِ اپيل ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 21

شاهه جي 5آڪٽوبر2026ع تي ٿرڪول بلاڪ ون ۽ بلاڪ 2 جي دوري جو ڊرافٽ شيڊيول سامهون اچي ويو آهي شيڊيول موجب ٻنهي اڳواڻن جي ڪراچي کان روانگي ڪانپوءِ اسلام ڪوٽ جي مائي بختاورايئرپورٽ تي آمد ٿيندي جتي اجيان پيپلزپارٽي جواڳواڻ ايم پي اي فقيرشيرمحمد بلالاڻي صاحب ۽پيپلزپارٽي جوايم اين اي ميهش ڪمارملاڻي ڪندوءِ مختضر ملاقات ڪانپوءِ ٿي ايف اسپتال جودوروڪيو ويندو ان ڪانپوءِ مائن ويوپوائنٽ تي ٿرڪول جي فيز3مائن توسيع بابت بريفنگ۽ تقريب۾ شرڪت ڪئي ويندي جڏهن ته شاگردن عورتن ملازمن۽ مقامي ملازمن سان ملاقاتون پڻ شيڊيول ۾ شامل آهن شيڊيول تحت SecmcجيRecسينٽر تي ڪمپني جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسرسنڌ جي وڏي وزير۽ بلاول ڀٽوزرداري پاران بريفنگ ۽ خطاب ٿيندا جنهن ڪانپوءِ مانجهاندو رکيل آهي دوري دوران ٿرڪول بلاڪ 1۾ پاڪستان جي پهرين ڪوئلي کي خشڪ ڪرڻ واري يونٽ جوافتتاح پڻ ڪيوويندو ان ڪانپوءِ اوپن پٽ مائن جودوروءِ زرعي تحقيقاتي ميدان ۾کاري پاڻي سان چوپائي مال لاءِ چاري جي فصل جي پوک بابت سرگرمين جوجائيزو ورتو ويندو

بقايا عوامي سوچ 22

جي دعويٰ ڪئي آهي ريلوي پوليس جي ايس ايچ او عبدالقادر جعفري موجب معمول جي چيڪنگ دوران رحيم يار خان واسي محمد محمود ملڪ کي شڪ جي بنياد تي روڪي تلاشي ورتي وئي جنهن دوران مبينا طور سندس قبضي مان 13 گرام آئس هٿ ڪئي وئي پوليس موجب گرفتار جوابدار ريل ذريعي منشيات پنجاب منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو ريلوي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار خلاف SCNSA_2024جي لاڳاپيل قلمن تحت ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ شروع ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 23

عقد ڪيو ويو. ڪلاس ۾ نامور استاد شاعر ڏکي دائود سومرو علمِ عروض جي بنيادي اصولن، بحرن، وزن ۽ شاعريءَ جي فني گهرجن بابت پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ تفصيلي ليڪچر ڏنو. ليڪچر ڪان پوءِ سوالن ۽ جوابن جو سلسلو پڻ جاري رهيو، جنهن ۾ شاعرن ۽ ادب دوستن مختلف سوال پڇي علمِ عروض بابت ڄاڻ حاصل ڪئي. تقريب جي صدارت پوليءَ جي خوبصورت شاعر تابش بخاري ڪئي. ڪارروائي ساس دادو جي سيڪريٽري نور ڪنير هلائي، شروعات راڳي بشير احمد پٽي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي وائي پيش ڪري ڪئي. راڳي اسلم راهي گيت پيش ڪري محفل کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. تقريب ۾ نظير نياز جويو، وسيم پرڳڙي، آسي بدر چنا، پڳت ڪبير، رجب راز پٽي، محمد افضل ڪلهوڙو، ڊاڪٽر عبدالحميد ميراڻي، ڏکي دائود سومرو، اميد سنڌي، اڪبر ستابو، زين ڪوسو، غلام رسول پرديسي، اسد ڪورائي، محمد قاسم پنهور، وزير جمالي، بيوس حاجي بچل گوپانگ، لالا فيروز ڪنير، محمد قاسم لانگاهه ۽ ٻين ڪيترين ئي علمي، ادبي ۽ سماجي شخصيتن شرڪت ڪئي. صدارتي خطاب ڪندي تابش بخاري چيو ته شاعريءَ جي فن، فڪر ۽ علمِ عروض بابت اهڙو شاندار ليڪچر ڪرائڻ سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جو هڪ ڪارائتو علمي ۽ ادبي قدم آهي. هن چيو ته استاد شاعر ڏکي دائود سومرو پنهنجي فني مهارت ۽ تجربي سان علمِ عروض بابت انتهائي مفيد ليڪچر ڏنو جنهن مان وينل دوستن گهڻو ڪجهه پرايو. هن وڌيڪ چيو ته شاعريءَ جي علم عروض بابت اهڙا علمي ليڪچر سنڌ جي مختلف شهرن ۾ پڻ ٿيڻ گهرجن. جيئن سنڌي شاعريءَ جو فني ۽ علمي پاسو وڌيڪ مضبوط ۽ صحتمند بڻجي سگهي. گڏجاڻيءَ ۾ شرڪت ڪندڙن علم عروض بابت اهڙي مفيد ۽ علميَ ليڪچر تي سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو جي ڪوشش کي ساراهيو

بقايا عوامي سوچ 24

د پٽي جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج ڪندي الزام لڳايو ته سندس پهريون مڙس فوت ٿي وڃڻ ڪانپوءِ هن امجد پٽي سان ٻي شادي ڪئي هئي سندس چوڻ موجب شادي کان اڳ امجد پٽي ڪيس يقين ڏياريو هو ته هو سندس ٻارن جي خرچ،سار سنڀال ۽ ٻين ضرورتن جي ذميواري کڻندو عورت موجب شادي جي شروعاتي عرصي دوران امجد پٽي سندس ۽ ٻارن سان بهتر رويو رکيو ڪجهه عرصي ڪانپوءِ سندس رويو تبديل ٿي ويو عورت الزام لڳائيندي چيو ته سندس مڙس مٿس تشدد ڪندو آهي روزانو ذهني اذيت ۽ تڪليف ڏيندو رهي ٿو جڏهن ته ڪيس مبينا طور جان کان مارڻ جون ڌمڪيون پڻ ڏنيون وڃن ٿيون هن وڌيڪ چيو ته مڙس طرفان سندس ۽ ٻارن جي خرچ لاءِ به هاڻي مناسب رقم فراهم نه ٿي ڪئي وڃي جنهن سبب هوءَ ۽ سندس ٻار سخت پريشاني واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن متاثر عورت جو چوڻ هو ته هن مبينا زيادتين سبب احتجاج جو رستو اختيار ڪيو آهي چاڪاڻ ته ڪيس پنهنجي ۽ ٻارن جي جان ۽ تحفظ بابت خدشا آهن هن لاڳاپيل پوليس اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سندس شڪايت جو نوٽيس وٺي معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي ۽ جيڪڏهن الزام درست ثابت ٿين ته قانون موجب ڪارروائي عمل ۾ آندي وڃي هن ايس ايس پي سکر فيصل احمد چوڌري ۽ ڊي آءِ جي سکر کي اپيل ڪئي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي ۽ ڪيس ۽ سندس ٻارن کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي ۽ مبينا زيادتين جو ازالو ڪندي ڪيس انصاف ڏياريو وڃي

بقايا عوامي سوچ 25

ويو جنهن دوران پوليس ڪارروائي ڪندي پي ٽي آءِ سکر جي ضلعي صدر نيڪ محمد چڇڙ ۽ سندس پٽ سڪندر چڇڙ سميت ڪجهه ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ورتو روهڙي ۾ انصاف هائوس تي ٿيل احتجاج دوران ڪارڪنن ڪفن پائي عمران خان جون تصويرون ۽ "قيدي نمبر 804" وارا بينر کنيا ان موقعي تي ڪارڪنن پاران "يا الله يا رسول عمران خان بي قصور" ۽ "رها ڪريو، رها ڪريو" عمران خان کي رها ڪريو جا نعرا پڻ هنيا احتجاج ڪندڙن جو چوڻ هو ته عمران خان جي آزادي تائين پرامن احتجاج جو سلسلو جاري رکيو ويندو هنن چيو ته هو پاڻ کي عمران خان جا سپاهي سمجهن ٿا ۽ پنهنجي قائد سان گڏ بيهندا هوڏانهن پوليس ڪارروائي دوران پي ٽي آءِ سکر جي ضلعي صدر نيڪ محمد چڇڙ، سندس پٽ سڪندر چڇڙ سميت ڪجهه ڪارڪنن جي گرفتاري جي دعويٰ ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 26

ميا کان مزدورن جي روزگار ۽ مسافرن جي حفاظت لاءِ فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو ويو آهي ذريعن موجب هاشم چوهاڻ روهڙي ريلوي اسٽيشن تي اسٽال تي پورهيو ڪندو هو ٻڌايو پيو وڃي ته هو ڪراچي کان پنجاب ويندڙ عوامي ايڪسپريس ۾ بيت الخلا استعمال حادثي جي نتيجي ۾ سندس ٻئي ڄنگهون ڪٽجي ويون ۽ هو سخت زخمي ٿي پيو حادثي ڪانپوءِ زخمي هاشم چوهاڻ کي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو زخمن جي تاب نه آڻيندي فوت ٿي ويو سندس فوت ٿيڻ جي خبر پوڻ تي ساٿي پورهيتن ۾ ڏک ۽ ڳڻتي جي لهر پکڙجي وئي هوڏانهن روهڙي ريلوي اسٽيشن تي ڪم ڪندڙ ڪجهه پورهيتن جو چوڻ آهي ته روهڙي ريلوي اسٽيشن تي اپگريڊيشن جو ڪم جاري هجڻ سبب ڏهاڙي تي ڪم ڪندڙ مزدورن جو روزگار سخت متاثر ٿيو آهي سندن دعويٰ آهي ته ڪم جا موقعا گهٽجڻ ۽ آمدني ۾ گهٽتائي سبب ڪيترائي پورهيت معاشي تنگدستي کي منهن ڏئي رهيا آهن پورهيتن ريلوي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته اسٽيشن تي جاري ترقياتي ڪمن دوران مسافرن ۽ مزدورن جي حفاظت لاءِ مناسب انتظام ڪيا وڃن جڏهن ته روزگار کان متاثر ٿيندڙ ڏهاڙي دار پورهيتن جي مسئلن تي پڻ ڌيان ڏنو وڃي پورهيتن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته ريلوي اسٽيشن تي مسافرن جي اچ وڃ، هلندڙ ٽرينن مان لهڻ ۽ چڙهڻ جي عمل دوران حفاظتي انتظامن کي يقيني بڻايو وڃي جيئن مستقبل ۾ اهڙن افسوسناڪ واقعن کان بچي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 27

ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت همت ڪري باهه کي وسائي وڌيڪ نقصان ٿيڻ کان بچائي ورتو جڏهن ته دڪاندار حاجي جعفر ڪوسو جو چوڻ آهي ته پيڊيءَ تي دڪان جي اڳيان لڳيل روپين جون ٿيليون پيل هئيون ته اچانڪ مٿان کان گذرندڙ بجليءَ جي تارن مان باهه جا شعلا نڪتا ۽ ٿيلين کي باهه وڪوڙي وئي جنهن ڪري تقريبن پندرهن لکن جون ٿيليون سڙي ويون آهن

بقايا عوامي سوچ 28

ڪندڙ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو ايس ايچ او روهڙي ثناءُ الله ڪونهارو جي اڳواڻي ۾ پوليس ٽيم سنيپ چيڪنگ دوران شڪي ماڻهن ۽ گاڏين جي چڪاس ڪري رهي هئي ته ان دوران هڪ جوابدار کي روڪي تلاشي ورتي وئي تلاشي دوران جوابدار جي قبضي مان 21_Z جا ۾ پيڪٽ ۽ 200 عدد چاليا گٽڪا هٿ ڪيا ويا پوليس گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ امتياز ڀٽو طور ڪئي آهي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدار مبينا طور گٽڪا سپلاءِ ڪرڻ ۾ ملوث هو جنهن خلاف لاڳاپيل گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو آهي پوليس موجب گرفتار جوابدار کان وڌيڪ پڇا ڳاڇا جاري آهي جڏهن ته جاچ دوران گٽڪا جي سپلاءِ ۽ وڪري ۾ ملوث ٻين ماڻهن بابت پڻ معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي روهڙي پوليس جو چوڻ آهي ته منشيات ۽ گٽڪا فروشن خلاف ڪارروايون وڌيڪ تيز ڪيون وينديون ۽ قانون جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف ضابطي موجب ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

سارين جي گهٽ اگهه ۽ موسچر جي آڙ ۾ ڪٽوتي خلاف آبادگارن ۾ ڳڻتي، مناسب اگهه نه ملڻ خلاف سخت احتجاج

آبادگارن کي مناسب اگهه نه ملڻ ۽ مختلف مدن ۾ مبينا اضافي ڪٽوتين سبب سخت معاشي پريشاني کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

آبادگارن ۽ مقامي واپارين موجب گذريل سال سارين ۾ نمي (Moisture)جي شرح 22 سيڪڙو تائين هئي

هن سيزن ۾ 18 سيڪڙو تائين نمي موسچر رکي وئي آهي، جنهن ڪري آبادگارن کي ڳڻتي وٺي وئي آهي

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) سارين جي گهٽ اگهه ۽ موسچر جي آڙ ۾ ڪٽوتي خلاف آبادگارن ۾ ڳڻتي، مناسب اگهه نه ملڻ خلاف سخت احتجاج . خبر موجب: چوهڙجمالي ۽ پرپاسي وارن علائقن ۾ سارين جي فصل جي سيزن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اج 5 آڪٽوبر، سومر ڏينهن ٿرپارڪر جو دورو ڪندو

مٺي (ڊ-رمحمدرحيم مڪريو) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اج 5 آڪٽوبر، سومر ڏينهن ٿرپارڪر جو دورو ڪندو، جتي هو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان گڏ ٿر ڪول بلاڪ ون ۾ پاڪستان جي پهرين ڪوئلو سڪائڻ واري يونٽ جو افتتاح ڪندو. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري اسلام ڪوٽ پهچڻ ڪانپوءِ ٿر فائونڊيشن اسپتال جو دورو ڪندو. /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

يوٿ ميمڻ اتحاد چوهڙجمالي جي چونڊ، فاروق آزاد ميمڻ بنا مقابلي صدر، ڪاشف ميمڻ جنرل سيڪريٽري ۽ اياز ايوب خزانچي اليڪشن ۾ سوڀارا

ميمڻ برادري جي نمائنده نوجوان تنظيم يوٿ ميمڻ اتحاد چوهڙجمالي جا ساليانه چونڊون پرامن طريقي سان مڪمل ٿي ويون

جنهن ۾ فاروق آزاد ميمڻ صدر، ايڊووڪيٽ ڪاشف ميمڻ جنرل سيڪريٽري ۽ اياز ايوب ميمڻ خزانچي منتخب ٿي ويا

انشاءَالله يوٿ ميمڻ اتحاد کي چوهڙجمالي جي هڪ مضبوط ۽ فلاحي تنظيم بڻائينداسين

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني) يوٿ ميمڻ اتحاد چوهڙجمالي جي چونڊ، فاروق آزاد ميمڻ بنا مقابلي صدر، ڪاشف ميمڻ جنرل سيڪريٽري ۽ اياز ايوب خزانچي اليڪشن ۾ سوڀارا ميمڻ برادري جي نمائنده نوجوان تنظيم يوٿ ميمڻ اتحاد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

13 ورهين جو نينگر شاگرد آفتاب علي پٽ گدا حسين سانگي خانگي ڪلينڪ ۾ علاج دوران فوت

جنهن جي وارثن ڊاڪٽر مٿان غلط انجيڪشن لڳائڻ جو الزام لڳائيندي نينگر جو لاش ايمبولينس ۾ رکي

لاهوري محلا روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هنيو جنهن سبب اينڊز ويندڙ ٽريفڪ جام ٿي وئي

لاڙڪاڻو (رپورٽ عبدالستار سيال) لاڙڪاڻي شهر جي پراڻي بس اسٽان واري علائقي جو رهواسي 13 ورهين جو نينگر شاگرد آفتاب علي پٽ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

اشرف چنڊ جي مدد لاءِ صحافتي برادري کي عملي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي: ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو

اشرف چنڊ جي مسئلي جي حل لاءِ صحافتي برادري رڳو بيانن تائين محدود رهڻ بدران عملي قدم کڻي ۽ صحافين تي مشتمل هڪ نمائنده ٽيم جوڙي

ايس ايس پي ٺٽو ۽ اشرف چنڊ جي مائٽن سان ملاقات ڪري معاملي کي ڳالهين ذريعي حل ڪرائڻ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪري

جيڪڏهن ڪنهن صحافتي تنظيم يا گروهه جي ڪوششن سان ڌرين وچ ۾ ڳالهين جو رستو هموار ٿي مسئلو حل ٿئي ٿو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) اشرف چنڊ جي مدد لاءِ صحافتي برادري کي عملي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي : ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو ايوان صحافت پريس ڪلب ٺٽو چيو آهي ته اشرف چنڊ جي مسئلي جي حل لاءِ صحافتي برادري رڳو بيانن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

انصاف ڪانسواءِ معاشري ۾ امن قائم نٿو رهي سگهي، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ

انصاف مضبوط، پُرامن ۽ متوازن معاشري جو بنياد آهي، انصاف ڪانسواءِ شهرين جي حقن جو تحفظ ۽ عوام جو اعتماد برقرار نٿو رهي سگهي

رياست جي اتحاد، سالميت ۽ معاشرتي امن لاءِ مضبوط نظامِ انصاف انتهائي ضروري آهي

وڪيل ايمانداري، سچائي ۽ اعليٰ پيشورانه اصولن تحت پنهنجا فرض سرانجام ڏين ۽ عدالت ۽ نظامِ انصاف جو احترام ملحوظ خاطر رکن

ميرپور خاص(بيوروچيف سومارسميجو) انصاف ڪانسواءِ معاشري ۾ امن قائم نٿو رهي سگهي، چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جسٽس ظفراحمد راجپوت چيو آهي ته انصاف مضبوط، پُرامن ۽ متوازن معاشري/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

DISTRICT BAR ASSOCIATION MIRPURKHAS
Mr. JUSTICE ZAFAR AHMED RAJP

جنگشاهي بابا جي شان اقدس ۾ مبينا گستاخي، پوليس جي خاموشي تي علائقي واسين ۾ ڪاوڙ

جوابدار خلاف گرفتاري جي مطالبي تي جنگشاهي شهر ۾ احتجاجي ڌرڻو پڻ هنيو ويو هو

نامناسب لفظ استعمال ڪرڻ ۽ هاڻي صحافين کي فون ڪري گارگند ۽ ڌمڪيون ڏيڻ جا الزام سامهون اچي رهيا آهن

مسلسل ڌمڪين ۽ مبينا بدتميزي باوجود پوليس طرفان اجا تائين واضح ڪارروائي نه ٿيڻ سبب صورتحال وڌيڪ خراب ٿيڻ جو خدشو آهي

جنگشاهي(رپورٽر) جنگشاهي بابا جي شانِ اقدس ۾ مبينا گستاخي، پوليس جي خاموشي تي علائقي واسين ۾ ڪاوڙ جنگشاهي: حضرت جنگشاهي بابا رحمت الله عليه جي شانِ اقدس ۾ مبينا گستاخي ڪندڙ شخص خلاف ڪارروائي ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

پاڪستان پيپلز پارٽي جو اڳواڻ ايم پي اي فقيرشيرمحمد بلالاڻي صاحب ٿرڪول بلاڪ2پهچي ٿرڪول ۾ نرسري وزٽ ڪئي

ڳوٺ سنهري درس پهچي ٿرفائونڊيشن لائيواسٽاڪ امپرووومينٽ پروگرام جانورن جي پالنابابت لاءِ تربيتي پروگرام افتتاحي تقريب ۾ شرڪت

مختلف ڳوٺن جي ونتري ٽرينگ پاس ڪندڙ شاگردن ۾ ڪٽ ۽ سرٽيفڪيٽ ايم پي اي فقيرشيرمحمد بلالاڻي پاڻ پنهنجن هٿ سان ورهاويا

مرتظادرس تاج محمد درس منيش ڪماررتناڻي منيش ڪمارڏاناڻي ثناوالله هنگورجو ساٿس گڏ هئا

اسلام ڪوٽ(رپورٽ امان الله هنگورجو) پاڪستان پيپلزپارٽي جو اڳواڻ ايم پي اي فقيرشيرمحمد بلالاڻي صاحب ٿرڪول بلاڪ2پهچي ٿرڪول ۾ نرسري وزٽ ڪئي ڳوٺ سنهري درس پهچي ٿرفائونڊيشن لائيواس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

سنڌ پوليس ڪانسٽيبل ويٽينگ اميدوار SPD 01 2024جي ويٽينگ اميدوارن جو احتجاج

اسان ٻه سالن کان سراپا احتجاج آهيون پر اسان ويٽنگ لسٽ جي اميدوارن کي نوڪرين جا آرڊر نٿا ڏنا وڃن

وزيراعليٰ سنڌ ۽ آءِ جي سنڌ چئي چڪا آهن ته سنڌ پوليس کاتي ۾ 50 هزار جايون خالي آهن

مٺي (ڊ-ر محمدرحيم مڱريو) سنڌ پوليس ڪانسٽيبل ويٽينگ اميدوار SPD 01 2024 جي ويٽينگ اميدوارن هر هڪ محمد حنيف مڱريو، رمضان راهمون، جيسارام، دلشاد جوڻيجو، وينهل ٽيبوءَ ٻين مسلسل ٻه سالن کان پوليس کاتي ۾ نوڪرين جا آرڊر نه ملڻ خلاف هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي پريس ڪلب مٺي اڳيان سخت احتجاج ڪندي چيو ته اسان ٻه سالن کان /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

روهڙي پوليس جي ڪارروائي، 1520 گرام چرس هٿ،هڪ جوابدار گرفتار،ڪيس داخل

ڪارروائي دوران جوابدار شاهنواز عرف شانو عمراڻي کي چرس سميت گرفتار ڪيو ويو

ڪارروائي دوران جوابدار شاهنواز عرف شانو عمراڻي کي چرس سميت گرفتار ڪيو ويو

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي پوليس جي ڪارروائي، 1520 گرام چرس هٿ،هڪ جوابدار گرفتار،ڪيس داخل تفصيل موجب روهڙي پوليس منشيات فروشن خلاف ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري سندس قبضي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

اڏيرولال لڳ قيصر سنهڙو واسين جو پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو

وفاقي حڪومت عوام کي رليف ڏيڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي چڪي آهي

هڪ ته هيءَ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ ڪري عوام کان روزگار جو ذريعو کسيو پيو وڃي

اڏيرولال (رپورٽ، ثاقب نور ساهووال)اڏيرولال لڳ قيصر سنهڙو واسين جو پيٽروليم شين جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي مظاهرو احتجاج ڪن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

ڪراچي وائيٽ هائوس پرسان سچل پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، 3 ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

سچل پوليس کي اطلاع مليو ته وائيٽ هائوس پرسان هٿياربند ڌوهاري واردات جي ارادي سان بيٺا آهن

پوليس آفيسر عمران کوکر ۽ سندس ٽيم فوري طور تي موقعي تي پهچي ڌوهارين کي للڪاريو

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي وائيٽ هائوس پرسان سچل پوليس جي ڪامياب ڪارروائي، 3 ڌوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار تفصيل /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

حضرت قبلا پير محمد صادق قريشي نقشبندي جن جي 47 هين سالگره مبارڪ ملهائي وئي

خانصاحب عبدالرحمٰن ۽ يونٽ غوث بخش ڪالوني طرفان ضلع ليول تي هڪ عظيم الشان پروگرام منعقد ڪيو ويو

بدين (رجب راهمون) خانصاحب عبدالرحمٰن، لواري شريف: پير آف لواري شريف حضرت قبلا پير محمد صادق قريشي نقشبندي جن جي 47 هين/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

ڏڙو ۾ هڪ هفتو اڳ رهزن هٿان بي گناهه قتل ٿيل مرڪ ميمڻ جي خون سان انصاف نه ٿي سگهيو

آل پارٽيز ايڪشن ڪميٽي طرفان هنگامي پريس ڪانفرنس ڪري سڀاڻي ڏڙو شهر ۾ احتجاج جي سڏ ڏئي ڇڏيو

پيش آيل افسوسناڪ واقعي ۾ اسڪولي ساگرديائي مرڪ ميمڻ ڦورن جي فائرنگ ۾ شهيد ٿي وئي هئي

ڏڙو(رپورٽ طلعت آڪاش پٽي) ڏڙو ۾ هڪ هفتو اڳ رهزن هٿان بي گناهه قتل ٿيل مرڪ ميمڻ جي خون سان انصاف نه ٿي سگهيو، آل پارٽيز ايڪش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

زراعت کاتو ٺٽو ڪرپشن جي ور چڙهي ويو

3 مهينا واري اينڊز بجيٽ عوامي فائدي بدران آفيسرن جي کيسي ۾ ،سرڪاري خزاني جي پيٽنگ ٿيڻ لڳي

ضلعي ٺٽي جو اهم ترين کاتو ايگريڪلچر ايڪسٽينشن کاتو ٺٽو مڪمل طور تي ڪرپشن جي ور چڙهي ويو

ٺٽو(رپورٽ واحدشورو)زراعت کاتو ٺٽو ڪرپشن جي ور چڙهي ويو 3 مهينا واري اينڊز بجيٽ عوامي فائدي بدران آفيسرن جي کيسي ۾ ،سر/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

گادي نشين حضرت قبلہ پير محمد صادق قريشي نقشبنديءَ جن جي 47سالگره ملهائي وئي

جنهن ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي معزز، سياسي، سماجي شخصيتن خاص شرڪت ڪئي

پروگرام جي صدارت نشات تنظيم جماعت لواري شريف جي مرڪزي صدر قادر بخش ٻگٽي صاحب ڪئي

ڏوڪري(رپورٽر) ڏوڪري نشات تنظيم جماعت لواري شريف يونٽ شير محمد جوڻيجو، ناجيا شاگرد تنظيم نشات ضلع لاڙڪاڻي طرفان موجوده/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

گهارو لڳ فارم هائوس تي اي سي ميرپورساڪرو جي ڪارروائي، زمين جي استعمال ۽ رڪارڊ جي جاچ پڙتال

علائقي واسين پاران ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو کي هڪ درخواست ڏني وئي هئي

مذڪوره فارم هائوس ۾ زرعي زمين کي مبينا طور غيرقانوني ڪمرشل مقصدن لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي

گهارو (رپورٽ عبداللطيف) گهارو ويجهو مبينا طور زرعي زمين جي ڪمرشل استعمال ۽ سرڪاري محصولن بابت مليل شڪايتن تي اسسٽ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

هاري ڪميٽي سٽي سکر جي صدر امتياز علي جتوئي پاران پارٽي قيادت جا ٿورا مڃتا، عوامي خدمت جو عزم

هاري ڪميٽي سٽي سکر جي صدر امتياز علي جتوئي پاران پارٽي قيادت جا ٿورا مڃتا، عوامي خدمت جو عزم

پاڪستان پيپلز پارٽي جي عوامي منشور کي نظر ۾ رکندي هارين، مزدورن ۽ عام شهرين جي خدمت ڪندو

سکر (بيورو چيف قاسم بيگ ملڪ) هاري ڪميٽي سٽي سکر جي نئين چونڊيل صدر امتياز علي جتوئي پنهنجي عهدي تي نامزد ڪرڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

دادو ۾ بدامني خلاف شهرين جو احتجاج، موٽر سائيڪل ڦرجا جوابدار گرفتار ڪري امن بحال ڪرڻ جو مطالبو

عبدالله ملاح، نياز سخيراڻي، چاچو حاجن پنهور ۽ ٻين شاهجهان پارڪ کان بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاجي ريلي ڪڍي

دادو پريس ڪلب آڏو ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪئي، مظاهرين

دادو ۾ چورين، ڦرون ۽ ڌاڙن جون وارداتون وڌي ويون آهن، جنهن سبب شهرين ۾ خوف ۽ بيچيني پکڙيل آهي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) دادو ۾ ميراڻي برادري جي نوجوان کان موٽر سائيڪل ڦر واري واقعي خلاف سياسي، سماجي اڳواڻن، شهرين ۽ واپارين تنويرعلي ميراڻي، رفيق احمد ميراڻي، فاروق احمد ميراڻي، توفيق احمد ميراڻي، لالا رفي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

احتجاج
دادو ۾ امن جو پکي اڏامي ويو
دادو شهر ڌوهارين جو ڪلو ٻڌي چڪو آهي
دادو ۾ ڦرن ۽ بدامني خلاف پرامن احتجاج
دادو جو امن بحال ڪرايو
پاران: دادو جي عوام

35 ورهين جو نوجوان حڪيم ملاح گذريل ستن ڏينهن کان لاپتا، وارث سخت پريشان، ڳولا ۾ مدد جي اپيل

اڏيرولال لڳ ڳوٺ غالب ڪيبر مان 35 ورهين جو نوجوان حڪيم ملاح گذريل هڪ هفتي کان پراسرار نموني لاپتا آهي

جنهن سبب سندس وارثن ۾ سخت پريشاني پکڙيل آهي، وارثن موجب حڪيم ملاح گذريل ست ڏينهن کان گهر واپس ناهي پهتو

مختلف هنڌن تي پنهنجي مدد سان ڳولا ڪرڻ باوجود سندس ڪو ڏس پتو نه ملي سگهيو آهي

اڏيرو لعل (رپورٽ، ثاقب نور ساهووال)اڏيرولال لڳ: ڳوٺ غالب ڪيبر جو 35 ورهين جو نوجوان حڪيم ملاح گذريل ستن ڏينهن کان لاپتا، وارث سخت پريشان، ڳولا ۾ مدد جي اپيل اڏيرولال لڳ ڳوٺ غالب ڪيبر مان 35 ورهين جو نوجوان حڪي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20



بلاول ڀٽو ۽ مراد شاهه جي 5 آڪٽوبر 2026 ع تي ٿرڪول بلاڪ ون ۽ بلاڪ 2 جي دوري جو ڊرافٽ شيڊيول

ٻنهي اڳواڻن جي ڪراچي کان روانگي ڪانپوءِ اسلام ڪوٽ جي مائي بختاور ايئرپورٽ تي آمد ٿيندي جتي اچيان

ايم اين اي ميهش ڪمارملاڻي ڪندو ۽ مختصر ملاقات ڪانپوءِ ٿي ايف اسپتال جو دورو ڪيو ويندو

اسلام ڪوٽ(رپورٽ امان الله هنگورجو) ٿرپارڪر پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽوزرداري ۽ سنڌ جي وڏي وزيرسيد مرادعلي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

ريلوي پوليس جي ڪارروائي، 13 گرام آئس سميت مبينا منشيات فروش گرفتار

ريلوي پوليس روهڙي ۾ ڪارروائي ڪندي 13 گرام آئس منشيات سميت هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

معمول جي چيڪنگ دوران رحيم يارخان واسي محمد محمود ملڪ کي شڪ جي بنياد تي روڪي تلاشي ورتي وئي

گرفتار جوابدار ريل ذريعي منشيات پنجاب منتقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) ريلوي پوليس جي ڪارروائي، 13 گرام آئس سميت مبينا منشيات فروش گرفتار تفصيل موجب ريلوي پوليس روهڙي ۾ ڪارروائي ڪندي 13 گرام آئس منشيات سميت هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪرڻ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو پاران علمِ عروض تي ليڪچر شاخ دادو جي آفيس ۾ دستوري گڏجاڻي

گڏجاڻيءَ دوران شاعريءَ جي فني پاسن کي سمجهڻ ۽ سکڻ لاءِ علمِ عروض تي خصوصي علمي ۽ ادبي ڪلاس منعقد

علمِ عروض جي بنيادي اصولن، بحرن، وزن ۽ شاعريءَ جي فني گهرجن بابت پنهنجي علم ۽ تجربي جي روشنيءَ ۾ تفصيلي ليڪچر ڏنو

ليڪچر کان پوءِ سوالن ۽ جوابن جو سلسلو پڻ جاري رهيو، جنهن ۾ شاعرن ۽ ادب دوستن مختلف سوال پڇي علمِ عروض بابت ڄاڻ حاصل ڪئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنه) سنڌي ادبي سنگت شاخ دادو پاران علمِ عروض تي ليڪچر شاخ دادو جي آفيس ۾ دستوري گڏجاڻيءَ دوران شاعريءَ جي فني پاسن کي سمجهڻ ۽ سکڻ لاءِ علمِ عروض تي خصوصي علمي ۽ ادبي ڪلاس مَن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

احتجاج
دادو ۾ امن جو پکي اڏامي ويو
دادو شهر ڌوهارين جو ڪلو ٻڌي چڪو آهي
دادو ۾ ڦرن ۽ بدامني خلاف پرامن احتجاج
دادو جو امن بحال ڪرايو
پاران: دادو جي عوام

روهڙي ۾ عورت جو معصوم ٻارڙا ساڻ ڪري مڙس خلاف احتجاج،انصاف ۽ تحفظ جي اپيل

شادي کان اڳ امجد پٽي ڪيس يقين ڏياريو هو ته هو سندس ٻارن جي خرچ،سار سنڀال ۽ ٻين ضرورتن جي ذميواري کڻندو

شادي جي شروعاتي عرصي دوران امجد پٽي سندس ۽ ٻارن سان بهتر رويو رکيو ڪجهه عرصي ڪانپوءِ سندس رويو تبديل ٿي ويو

سندس مڙس مٿس تشدد ڪندو آهي روزانو ذهني اذيت ۽ تڪليف ڏيندو رهي ٿو

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ۾ عورت جو معصوم ٻارڙا ساڻ ڪري مڙس خلاف احتجاج،انصاف ۽ تحفظ جي اپيل تفصيل موجب روهڙي جي علائقي نيويارڊ ڪالوني جي رهواسڻ شيخ برادري سان تعلق رکندڙ عورت پنهنجي مڙس امج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

روهڙي ۾ ڪفن پوش احتجاج، پي ٽي آءِ اڳواڻ سميت ڪارڪن گرفتار

پاڪستان تحريڪ انصاف جي اپيل تي روهڙي ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن پاران باني عمران خان جي آزادي لاءِ ڪفن پوش احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

پي ٽي آءِ سکر جي ضلعي صدر نيڪ محمد چچڙ ۽ سندس پٽ سڪندر چچڙ سميت ڪجهه ڪارڪنن کي گرفتار ڪري ورتو

روهڙي ۾ انصاف هائوس تي ٿيل احتجاج دوران ڪارڪنن ڪفن پائي عمران خان جون تصويرون ۽ ”قيدي نمبر 804“ وارا بينر کنيا

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ۾ ڪفن پوش احتجاج، پي ٽي آءِ اڳواڻ سميت ڪارڪن گرفتار تفصيل موجب پاڪستان تحريڪ انصاف جي اپيل تي روهڙي ۾ پي ٽي آءِ ڪارڪنن پاران باني عمران خان جي آزادي لاءِ ڪفن پوش احتجاجي مظاهرو ڪيو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

روهڙي ۾ ٽرين مان ڪرڻ سبب زخمي ٿيل پورهيت علاج دوران فوت، گهر ۾ ڪهرام

روهڙي (رپورٽر) روهڙي ۾ ٽرين مان ڪرڻ سبب زخمي ٿيل پورهيت علاج دوران فوت، گهر ۾ ڪهرام تفصيل موجب روهڙي ريلوي اسٽيشن تي هلندڙ ٽرين مان ڪرڻ سبب سخت زخمي ٿيل سکر جي علائقي ٽرمل جو رهواسي پورهيت هاشم چوهاڻ زخمن جي ست نه سهندي اسپتال ۾ علاج دوران فوت ٿي ويو واقعي ڪانپوءِ اسٽيشن تي ڪم ڪندڙ پورهيتن پاران ريلوي انتظا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

حاجي جعفر ڪوسو جي پيڊيءَ تي پيل ڦٽين کي بجليءَ جي تارن مان باهه لڳڻ سبب لکين رپين جون ڦٽيون سڙي رک ٿي ويون

جنهن ڪري لکين روپين جون ڦٽيون سڙي ويون دڪاندارن ۽ اتي موجود ماڻهن پنهنجي مدد پاڻ تحت همت ڪري باهه کي وسائي وڌيڪ نقصان ٿيڻ کان بچائي ورتو

پيڊيءَ تي دڪان جي اڳيان لکين روپين جون ڦٽيون پيل هيئون ته اچانڪ مٿان کان گذرندڙ بجليءَ جي تارن مان باهه جا شعلا نڪتا ۽ ڦٽين کي باهه وڪوڙي وئي

اڏيرولال (رپورٽ ثاقب نور ساهووال) اڏيرو لال لڳ ڪنڊواسٽاپ حاجي جعفر ڪوسو جي پيڊيءَ تي پيل ڦٽين کي بجليءَ جي تارن مان باهه لڳڻ سبب لکين روپين جون ڦٽيون سڙي رک ٿي ويون ڪنڊواسٽاپ مين بس اسٽاپ تي واقع حاجي جعفر ڪوسو جي پيڊيءَ تي دڪان اڳيان پيل ڦٽين کي اچانڪ باهه لڳي وئي جنهن ڪري لکين روپين جون ڦٽيون سڙي ويون دڪاندارن ۽ اتي موجود/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

روهڙي پوليس پاران منشيات ۽ گٽڪا فروشن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري

روهڙي پوليس سنيپ چيڪنگ دوران ڪارروائي ڪندي گٽڪا سپلاءِ ڪندڙ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

پوليس ٽيم سنيپ چيڪنگ دوران شڪي ماڻهن ۽ گاڏين جي چڪاس ڪري رهي هئي

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) ايس ايس پي سکر احمد چوڌري جي هدايتن تي روهڙي پوليس پاران منشيات ۽ گٽڪا فروشن خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري آهي ان سلسلي ۾ روهڙي پوليس سنيپ چيڪنگ دوران ڪارروائي ڪندي گٽڪا سپلاءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28